


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# راھون چند ستارا

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner



ماھتاب - هوٽل هلٽن سنگاپور

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner



ماهتاب ـ سنگاپور جي هڪ شاپنگ سينٽر ۾

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# راهون چنڊ ستارا

(سري لنڪا، مليشيا، سنگاپور، ٿائيلينڊ،
هانگ ڪانگ ، مڪائو ۽ چائنا جو سفرنامو)

ماهتاب محبوب

نيو فيلڊس پبليڪيشنس
ٽنڊو ولي محمد، حيدرآباد سنڌ.
1989ع

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

نيو فيلڊس پبليڪيشنس جو ڪتاب نمبر هڪ سؤ ويهه

| | |
|---|---|
| ڇپائيندڙ | نيو فيلڊس پبليڪيشنس<br>ٽنڊو ولي محمد، حيدرآباد سنڌ . |
| ڇپيندڙ | نيو فيمس پرنٽنگ پريس<br>هوم اسٽيڊ هال چاڙهي، حيدرآباد . |
| پهريون ايڊيشن | مئي 1989ع |

| | |
|---|---|
| قيمت | 40/- رپيا |
| پڪي جلد سان | 60/- رپيا |

(سڀ حق ۽ واسطا قائم)

---

RAHOON CHAND SITARA (Travelogue) written by MAHTAB MAHBOOB. Published by New Fields Publications, Tando Wali Mohammed, Hyderabad Sind. Pakistan. First Edition May 1989. Price Per Copy Rs. 40/-

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# انتساب

امن، دوستي ۽ پيار جي نالي

ماهتاب محبوب

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪاش امن ۽ پيار جو،
سج اڀرندي ڏسان....
۽ ڪاش، امن جي ڪرڻن ۾ شامل ٿي،
انسانيت کي، خوشين ۾ جگمگائيندي ڏسان....
پيار جي سُڳنڌ سان....
پنهنجي ڌرتي مهڪايان...."پر"....
فقط هڪ "پر" جي پڇاڻان،
آهن آڻ ڳڻت سوال،
ڇا تون ڏيئي سگهندي جواب؟
اي امن.... اي سج.... اي پيار!
ته ڪڏهين اڀرندو، امن جو پيغام کڻي،
هڪ نئون سج هن ڌرتيءَ تي؟
ڪڏهين وسندي تون اي پيار؟
ها.... شايد تڏهين، جڏهن هن ڌرتي تي،
باقي نه رهندو ڪوئي بار!!

**ارم محبوب**

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# اداري پاران

ماهتاب محبوب انهن خوشنصيب ليککن مان هڪ آهي جن لاءِ سدائين پڙهندڙن وٽان پچائون پيون ٿينديون آهن ته سندن نئون ڪتاب ڪڏهين تو مارڪيٽ ۾ اچي.

ڏيڍ سال جي عرصي کانپوءِ ماهتاب مجبوب جو هڪ وار وري خوبصورت ڪتاب ”راهون چند ستارا“ نئين انداز ۾ منظر-عام تي آيو آهي، جنهن کي فخر سان پيش ڪندي اميد ٿي ڪجي ته سندس بين منفرد تخليقن وانگر زير نظر سفرنامو پڻ پنهنجي دلڪش روان ۽ منفرد انداز بيان سببان پڙهندڙن جي معيار تي پورو لهندي، ادب ۾ مٿاهون مقام حاصل ڪندو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

منٿن کان پوءِ، صبح جو اٽڪل ستين بجي 'ڪولمبو ڪاتوناڪي انٽرنيشنل ائرپورٽ' (Colombo Katunayake international air port) پهتو. جهاز مان ئي سري لنڪا جي ساوڪ ڀري سرزمين جي ديدار اکيون ٺاري ڇڏيون. اميگريشن ۽ ڪسٽم ۾ ڪا تڪليف نہ ٿي، ڪلاڪ کن سامان جي اچڻ جو سو انتظار ڪرڻو پيو جن کي آٽان جا ٽـريند ڪتا، 'ڇڱا مڙس' ٿي انسپيڪٽ ڪري رهيا هئا تہ متان ڪا حشيش وغيره نہ هجي. هڪڙو تہ موئن نوس نوس ڪري ٻڳون پليٽ ڪري رکيون متان وري اِن خوف اچي ورايو تہ ڪتي انهن ملنگي مٽڪن موتين کي، جيڪي تحفي ۾ ڪن دوستن کي ڏيڻ لاءِ ورتا هئاسين، سمگل ڪيل اصلي هيرا جواهر سمجهي ڀونڪي ڪا اهڙي فتوي نہ ڏيئي وجهن جا پرديس ۾ پئي ڳهلرائي تہ پوءِ ڇا ڪنداسين.... غلطيون تہ بهرحال انسانن ۽ ڪمپيوٽرن کان بہ ٿيو وڃن، هي تہ وري بہ ڪتا هئا. ڪتو ذات ڪيڏو بہ ڪٿي ٽريننگ يافتہ ڇو نہ هجي پر پنهنجي 'ڪتائپ' مان ڪڏهن بہ ڪنڌ نہ ڪيڏائي سگهندو.

بهرحال محبوب دلاسو ڏنو تہ ڳٽي ۽ جي ڪابہ ڳالهہ ناهي، اِهي ڪتا رڳو حشيش جهڙين نشي وارين شين جا ڳولائو ٿيندا آهن. ائرپورٽ کان ٻاهر اچي اسان ٽيڪسي ڪئي جنهن کي سريلنڪا جا بہ سؤ پنجهتر رپيا ڏيئي ڪولمبو شهر ڏي روانا ٿياسين.

موسم جهڙالي تہ اڳيئي هئي ويتر عرش تان موتي بوندن جهرمر لائي ڏني. چؤطرف ساوڪ ۽ قدرتي خوبصورتي جي نظارن دل موهي ڇڏي، سمورو واديو منڊل دال چيني، لونگن ۽ ناريل جي سڳنڌ سان واسيو پيو هو.

سفر دوران جاڳڻ ڪري مون کي ۽ ارم کي ٽيڪسيءَ ۾ باقاعده جهوٽا ٿي آيا، ڪنڌ ڪڏهن آٽر تہ ڪڏهن ڏکڻ ڏي لڙي ٿي ويا. رکي رکي تڏهن ٿي اک کلي جڏهن محبوب خاص خاص جاين جڳهن جا نـالا ٿي ٻڌايا پـر جيئن تہ ذهن ٿڪل ۽ ستل هو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ناديره جي نالي کان متاثر ٿي سنڌس ماءُ هن تي رکيو هو. ڪيس ۾ ننڍڙا ۽ پيارا ٻار آهن، پٽ جو نالو شيهان ۽ ڌيءُ جو وري شيوَنتي ڪوشيليا....

ڊنر نهايت لذيذ هئي پر سري لنڪا جي وڻن تان لٿل تازين ۽ نرم سوپارين وات سان هاچا ڪري ڇڏيا، تنهن ڪري مرچن مصالحن واري ماني کائڻ کان لاچار ٿي پيس. اهو حال ڏسي ناديره تازو پيٽل ناريل آڻي ڏنو، جنهن کي چپاڙڻ سان هڪدم فرحت اچي وئي.... ڄڻ ڪو جادوءَ جو ڪرشمو هو.... اِها صورتحال ڏسي ناديره تيهائين ڦونڊجي وئي، ۽ ويٺي ناريل جون خاصيتون ٻڌائڻ.

اِها خبر ته مون کي ٻه هئي ته ناريل جا وڻ خط استوا جي ويجهن ملڪن ۾ ٿيندا آهن. خاص ڪري سري لنڪا ۽ بنگلاديش ۾ ته اهي تمام گهڻي تعداد ۾ ٿين، پر ناديره ناريل جي باري ۾ وڌيڪ ڄاڻ ڏيندي ٻڌايو ته اِتي جي ماڻهن لاءِ ناريل نهايت ڪارائتي شئي سمجهي وڃي ٿي؛ ايتري قدر جو سندن زندگيءَ جو دارومدار ڪنهن حد تائين انهيءَ تي آهي. ناريل کائيندا ٻه آهن ته ان جو کير ٻه پيئندا آهن، ان مان تاڙي ۽ سرڪو ٻه ٺاهين، مون هن جون ڳالهيون ڏاڍي دلچسپيءَ سان ٿي ٻڌيون. اهو ڏسي هن هيڪاري وڌيڪ ناريل جا فائدا ٻڌائيندي چيو، "غذائي اعتبار کان ٻه ناريل جي استعمال ۾ فائدا ئي فائدا آهن، جگر کي طاقت ڏيڻ، نظر کي تيز ڪرڻ، رت وڌائڻ، ٻَت کي ٻرڻ، ماتا جي بيماريءَ کان بچائڻ کان علاوه ٻين ڪيترين ئي بيمارين ۽ جسماني ڪمزورين جو علاج ناريل آهي. ذيابيطس جي مريضن لاءِ ته ناريل جو کير وڏي نعمت آهي."

بنگلاديش ۽ سري لنڪا جي عورتن جا وار ڊگها ۽ چمڪيلا ٻه انڪري آهن جو اهي ناريل جو تيل استعمال ڪنديون آهن.... اسان وٽ نفيس طبع ماڻهو پڻ وارن ۾ اهو تيل استعمال ڪندا آهن، جڏهن ته ڪيترا وري انهيءَ کي خشڪ چاٽائيندي وار وڌائڻ

گال روڊ تي ئي سري لنڪا براڊڪاسٽنگ جي عمارت به هئي جنهن تان سنهالا، تامل، انگريزي، اردو ۽ هندي سميت ڇهن ٻولين ۾ پروگرام نشر ٿيندا آهن. گال روڊ تي ڪيترن ئي ملڪن جون ايمبيسيون ۽ سپر اسٽوز پڻ هئا.

تعليم جي لحاظ کان سري لنڪا ڪنهن به سڌريل ۽ ترقي يافته ملڪ کان گهٽ ناهي. ايشيا ۾ اهو هائيسٽ ريٽ آهي ته اِتي جي آبادي اسي سيڪڙو کان به وڌيڪ پڙهيل آهي. اڳي تعليم جو ذريعو صرف انگريزي هو پر هاڻي مادري زبان ۾ به شروع ڪيو اٿن. انگريزي زبان هتي جي شهري زندگيءَ ۾ عام جام ڳالهائي ۽ سمجهي ويندي آهي. جنهن ڪري ننڍا ننڍا دڪاندار پان وارا، ڪير وارا خواهه روٽي وارا به ”ٽوٽل“ انگريزي مون کي سيکٽي آهي، گِٽ مِٽ گِٽ مِٽ ڪرٽي آهي.“ واري زمري ۾ اچيو وڃن ٿا.... اِها جاڪوڙ به ان ڪري؛ جو هتي تعليم يونيورسٽي جي ليول تائين مفت آهي ته هاسپيٽلائيزيشن به فري. ان مان ثابت ٿيو ته اتي جي حڪومت کي پنهنجي عوام جي تعليم، ترقي ۽ صحت جو ڪيترو نه اونو آهي.

سري لنڪا توڙي جو غريب ملڪ آهي، تڏهن به آتي سواءِ ڪنهن معذور محتاج جي ڪوبه فقير ٿقرو نظر نه آيو. اسان جو ملڪ نالي ۾ غريب ملڪ سڏرايـو جهان جون همدرديون حاصل ڪيو ويٺو آهي، جڏهن ته چوڦير اميرن ۽ فقيرن جي لٺ لڳي پئي آهي. اها جي غربت آهي تـه پوءِ اميري الائي ڇا هوندي ، باقي سفيد پوش وچولو ۽ ايماندار طبقو تـه هر دؤر ۾ پشتان ٿشت پيو پيڙهبو آهي. هوٽل پهچي، ناديره ۽ وڪرم کان موڪلائي، ڪمرن ۾ اچي صبح جو ’ڪينڊي‘ ڏي وڃڻ جون تياريون ڪرڻ لڳاسين. توڙي جو ڪينڊي ۾ هلندڙ فسادن جي ڇاڻ بـه هئي پر ڪولمبو اچي ڪينڊي نـه گهمجي ، سا ان سفر سان سراسر زيادتي هئي. تنهن ڪري ڪجهه رسڪ ته بهرحال کڻڻو ئي پيو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

”نہ نہ...“ ھن ڦڪو ٽيندي وراڻيو.

”فڪر نہ ڪر، اڄ سڄو ڏينھن ٻاھر رھيو آھيون، تنھنڪري ٻڪلي استقبال ڪندءِ“ شفيع چيو.

ڪولمبو شھر ۾ چپي چپي تي ٻُڌا، ڪرائيسٽ ۽ ميري وغيره جا خوبصورتيءَ سان جڙيل مجسما ڏسڻ وٽان آھن. ڪي تہ ايڏا دردناڪ جو ڏسي ڏک کان دل پرچجي ٿي آئي ۽ ٻانمرادو اکيون ٻوٽجي ٿي ويون.... ڪو مجسمو، ٻڪليون ڪوڪا لڳل معصوم صورت مسيحيءَ جو ھو، جنھن جي ھٿن مان چڻ تازي رت جا ڦڙا ٿي ٽميا .. تہ ڪو جھيرون ٿيل ھينئڙي واري ممتا جو، جنھن جي گود ۾ تڙپندڙ نوجوان مسيحيءَ دم پي ٽوڙيو....

ھوٽل پھچي، ماني ٽڪي ڪئي، چاڪليٽ ٻملڪ جا گرم گرم ڏڪ پريندي اچي ٿي. وي اڌو ويناسين. سري لنڪا ۾ ٽي.وي جا ٻہ چينل آھن، پر ٻنھي تي ھن وقت اسان جي سمجھہ کان ٻاھر ٻوليون ٿي ھليون تنھنڪري وقت وڃائڻ بدران؛ سون آئي مليشيا وڃڻ لاءِ پيڪنگ ڪئي.

نيرن بعد ساڳي ڊرائيور جي اچڻ جو اطلاع مليو. ٻن ڏينھن ۾ ئي سائس چڱي سڃاڻ ٿي وئي. نالو تہ الائي ڇا ھئس، پر ايڪٽر امجد خان سان گھڻي مشابھت ھئڻ ڪري اسين ڪيس سڏيندا ئي امجد خان ھئاسين. ھو ڊرائيور سان گڏ گائيڊ بہ چڱو ھو. تنھنڪري چيو ھئائين تہ پيھرن جو ايئرپورٽ پھچائڻ کان اڳ اسان کي ڪولمبو جون ڪي مشھور جايون ڏيکارڻ وٺي ھلندو.

سڀ کان پھريسن ھو اسان کي ڪولمبو جي مشھور جاءِ Pettah ڏي وٺي آيو، جيڪا پورچوگيزن ۽ ڊچن جي زماني ۾ وڏي بازار ھئي، جتان ڪپڙي لٽي ۽ کاڌي پيتي جو ھر سامان ملندو ھو. ھينئر اتان جھونا رھائشي ڪوائر ھٽائي ان بازار کي اڃان بہ وسيع ڪيو ويو آھي، جنھن ڪري ان جو عروج اڳ کان بہ اڳرو ٿي لڳو. بيٺي پير ڪولمبو شھر ۾ ٻڌن ۽ ھندن جا مندر، آرٽ گيلريون ۽ Planitorium گھمائيندي، ڊرائيور اسان کي

۾ ڪرائي موٽيو.

نيرن ڪري بنا ديـر ان هـوٽـل ۾ شفٽ ٿياسين؛ جيڪا 'جـالان مسجد انـڊيـا' تـي هئي. هـن صاف سـٿـري ۽ هـر سهوليت سان آراستہ هوٽل 'Chamtan' کي هلائڻ واري چينائڻ Mrs. Tan هڪ خوشمزاج عورت هئي ۽ مسافرن جو گهڻو خيال ٿي رکيائين.

مس اچي کي اِن هوٽل ۾ سک جو ساهہ کنيوسين، نہ تہ رات جنهن بـي آراميءَ ۾ گذري، تنهن مليشيا گهمڻ جي سموري خوشي ٿي خاڪ ڪري ڇڏي.

عجيب اتفاق چئبو يا اسان جي خوشقسمتي تہ جنهن شهر ۾ قدم ٿي پيو، اُتي مينهن ڪٿين ٻهاريون لائي ٿي ڏنيون. مليشيا تہ ٻارهوئي 'جهڙ ڦڙ' ۽ 'ساوڪ' جهڙين حورن جي حوالي هوندو آهي، تنهن ڪري لئہ لڳي پئي اٿس، جڏهن تہ خط استوا جي ويجهو هئڻ ڪري اصولاً وسڻ تہ اتي ٿانئبا ڪپندا هئا، پر جس هجي پرپاسي وارين چيني ۽ هندي سمنڊن کان ايندڙ ٿڌڙين هوائن کي، جيڪي سدوريون ان دوزخ جي ڏکر کي بہ ڪوري ڏکر جيان ٺاريـو ڳِـگ ڪيو وينيون آهن.

قدرت جي مڙني نعمتن سان نوازيل مليشيا شروع کان ئي پنهنجي جاڙي جوڙرائيءَ وارو سکيو سنجهو ڍاپيل ملڪ آهي. ان خوشحاليءَ جو راز گهٽ آبادي، محنتي ماڻهن ۽ ملڪ سان محبت کان علاوه 'گهر تہ گهرئين' واري بنيادي جذبي ۾ سمايل آهي.... پـر ڪنهن جي پاڳ سان ڪهڙي ريس، اسان جو ملڪ اڳ ئي ننڍو، آبادي اصل يڪي ٻولي يا حسين! مٿان وري 'جيڪو لڳي سو ڪاڻيءَ جي اک ۾' جيان، جڳ جي جوت ۽ ترڪ وطن ڪيل پناهگيرن جا لڏا پالڻ جو ٺيڪو بہ سڀئي جي سورن وانگر، ڇائي ڄم کان اچي ان عالمي يتيم خاني جي ڪرمن ۾ لڳو آهي. ملڪ نہ ٿيو ڇڻ پناهستان ٿيو.

مليشيا ۾ گهڻائي مسلمانن جي آهي. جڏهن تہ ٻئي نمبر تي


Scanned with CamScanner

چيني، هندو ۽ تامل وغيره آهن. جدا جدا ٻولي، مذهب ۽ ريتون رسمون هئڻ جي باوجود ٻه ٽئي قومون سک سانت ۾ رهن ٿيون ۽ سيني کي هڪجيترا حق حاصل آهن. مذهبي جنون کان آجي، هن مسلمان ملڪ ۾ ان ڳالهه جو تصور ئي ناهي ته هڪ ٻئي مذهب جا ماڻهو پاڻ ۾ ڦٽجي رتوڇاڻ ڪن، يا چوربازاري ۽ ملاوٽ جهڙين ايمان وڃائيندڙ بيمارين سان ملڪ ۽ معاشري کي داغدار ڪن. يارهن لکن جي آبادي وارو مليشيا جو شهر ڪوالالمپور، جنهن کي K.L ڪري به ڪوٺين، پنهنجي سوني گمبد وارين مسجدن، عرش چهنديڙ عمارتن، ڇهچ ساون ٻاغن باغيچن ۽ ٻين ڪيترين ڳالهين ڪري سياحن جي دلچسپي ۽ توجه جو مرڪز بڻيل آهي. هتي جي ٽڪڙين ڇوڪرين جا چيني ۽ ملئي مهاندا گهٽي ياڳي هڪجهڙا ٿي لڳا. ڏهن نمونن مان ڪا هڪ اڌ صورت ڇگيرڙي ٿي لڳي نه ته نڪ نقشو ئي پنهنجو اٿن. اسين سنڌي ته ڀريائين ڇهري جي نماءُ کي ڏسون. سونهن ڀل نه هجي، پر 'نيمڪ' سو ضرور هجي.

ملئي مسلمان عورتن جي ٽريڊيشنل ڊريس ڊگهين ٻانهن سان ڊرو چولو Baju Kurong ۽ فل اسڪرٽ سان مشابهت رکندڙ Sapong آهي، جڏهن ته مٿو وري هڪ مخصوص اسڪارف سان ڍڪينديون آهن. ڪجهه سال اڳ اهڙو ئي هڪ اسڪارف، هند جي مانواري ليکڪا پوپٽي هيرانندائي اسان ڏي سوکڙي ڪري موڪليو هو، جنهن کي برقعي جو مٽيون 'ڦڙ سمجهي کي ڏينهن ته زمر 'ادي پينر' راند ڪندي رهي، پر پوءِ مليشيا اچي خبر پئي ته اِن اسڪارف جو برقعي سان ڪو تعلق ضرور هو. ملئي مسلمان عورتن جو لباس اسان کان مختلف هوندي به اُن ۾ حيا جو تصور هو، جڏهن ته هند-پاڪ ۾ لباس جي چست فٽنگ جو رواج عام آهي، جنهن سان جسم جو هر انگ ظاهر ٿيو پئي. ان مروج لباس کي پاڪستان کان ٻاهر 'پنجابي ڊريس' جو نالو ڏنل آهي. ان مقابلي ۾ اسان جو سنڌي ڀرت ۽ سوسيءَ جي سلوار وڌيڪ شائستو، سهڻو ۽ منفرد لباس آهي. اڄڪلهه ته اسان وٽ به

جڏهن محبوب پڌايو تہ اِهو چائنا ٽائون آهي. چيني دڪاندارن اسانکي ڏسندي ”اِيڌر آئو- ڪيا چاهئي؟“ جا سنهڙا سُر ڪڍي عجب ڏياري ڇڏيو. سندن زبان مان نڪرندڙ چينڪي هندي، ان مهل ڏاڍي وڻي. لاشڪ تہ اهي هڪ ٻہ جملا هنن انڊينز کان سکيا هئا ۽ اسانکي بہ سيني انڊين ئي ٿي سمجهو.

اسانجي ’پيادل جٿي‘ پوراٻہ ڪلاڪ شهر ۾ پنڌ ڪيو ۽ ڪيترين ئي جاين جڳهيون ڏٺيون، جن مان ستي بينڪ جي شاندار عمارت ڏسڻ وٽان هئي. چائنا ٽائون ۾ اڪثريت چائينيز جي آهي. انڪري نہ رڳو اتي ڪيترائي چائينيز ريسٽارنٽ آهن بہ رستن جي ٻنهي پاسن کان بہ گاڏن تي چائينيز کاڌن جا بازار گرم نظر ايندا. اهي چائينيز کاڌا، اسان وٽ تيار ٿيندڙ چائينيز کاڌن کان گهڻو مختلف ٿين. ساڳيو حال دڪانن جو بہ آهي. ڇوڏاري ڪيترائي دڪان آهن، تہ بہ وچ رستي تي گاڏن ۾ هر قسم جي استعمال جون شيون ٿي وڪاميون، جيڪي ايڏيون سستيون بہ نہ هيون پر پوءِ بہ انهن تي ايڏي رش هئي جو ماڻهو هڪ ٻئي تي پي ڪريا. ان رش مان نڪري اڳتي وڌياسين تہ ڪيترائي فٽ پاٿي فارچون ٽيلر لائين لڳايو ويٺا هئا. جن کي ڏسندي ئي شفيق ڇوڏري ٽڙي پيو ۽ وڃي هڪ ڪراڙي چيني اڳيان هٿ ٻڌ ڪهيڙيائين. جوتشي، جنهن ڪجهہ دير اڳ اوٻاسيون ٿي ڏنيون؛ تنهن هٿ ڏسي ’چون چائون‘ ڪري الائي ڇا چيو جو ڪنهن جي بہ سمجهہ ۾ نہ آيو. ان صورتحال شفيق کي ڏاڍو مايوس ڪيو ۽ هن جوتشي آڏو هٿ جهلي بيهڻ واري پوز ۾، سڪنو فوٽو ڪڍائڻ تي ئي ڪٽي قناعت ڪئي.

............

صبح جو نيرن ڪري وري شهر گهمڻ نڪتاسين. ٻيو پلا ڪم ئي ڪهڙو هو اسانکي.... سواءِ گهمڻ ڦرڻ جي. هتي اچڻ جو خاص مقصد ئي اهو هو تہ پنهنجي دنيا مان نڪري، ڪنهن نئين دنيا جا نمونا ۽ رنگ ڏسجن. اتي جي جيئرن جاڳندڙ ماڻهن جا مشاهدا ماڻجن. ڦيٽ ڪٿي ملڪ جي ڏيگهہ ويڪر يا پکيڙ تہ ڪانہ جانچڻي هئي ۽ نہ ئي مليشيا جي ميدان ۾ خيما کوڙي اتي جي

هسٽاريڪل ۽ جاگرافيڪل بيڪ گراؤنڊ تـي سروي رپورٽ تيار ڪرڻي هئي. اهڙي اُميد تہ واسڪو ڊيگاما پارن نامي گرامي سياحن مان رڪڻ گهرجي نہ ڪي اسان جيتاڻزن مان. جن ڪي اتي گهاريل پهر پاچا اهـڙي سهڻن خوابن جيان تـي لڳا جيڪي ڪڏهن بہ نہ وسرندا آهن.

’ٽريڊ ايڪسپورٽ سينٽر‘ ڏسڻ بعد رستي پنـڌ جيڪو ٿي سينٽر اک چڙهيو تنهن ۾ ست ڏي چٽا ڏوڪڄي ٿي پياسين. K.L جا شاپنگ سينٽر اهڙا شاندار آهن، جن جي هڪ هڪ دڪان کي ڏسڻ لاءِ سڄو ڏينهن گهربل هـو. هر هڪ سينٽر کي مٿاچـري نظر ڏسڻ سان بہ ٻہ ٻہ ڪلاڪ لڳي ٿي ويا. اهي سينٽر ڪيترن ئي فلورز تي مشتمل هئڻ ڪري اليڪٽريڪل ڏاڪڻن ذريعي طئي ڪبا آهن. اِهي ڏاڪڻيون اتي ڏاڍي رواجي ڳالهہ آهي. اسانکي انهن تان لهڻ چڙهڻ جـي ايڏي تـہ هير پئجي وئي، جو اڪثر بنا اليڪٽرانڪ ڏاڪڻن تي بہ اِن آسري پير رکيو بيٺا هونداسين تہ اجهو ٿي مٿي آڻي رسائي. بين کي ٽپ ٽپ ڪري اڳتي نڪرندو ڏسي پوءِ خيال ايندو هو تہ اجايو ’روڊ بلاڪ‘ ڪيو بيٺا آهيون.

هتي هر شئي حفظان صحت جي اصولن تـي ملندي آهـي. سپرمارڪيٽس، ريسٽورينٽس ۽ هوٽلس ۾ ڪمرڪندڙ چيني ڇوڪريون تہ مٿا ڍڪي، هٿن تي بي‌داغ ۽ صاف دستانا چاڙهي، پوءِ کاڌڻ پيئڻ جون شيون ڇهتي سان جهلي ڪسٽمرز جي حوالي ڪن، پر فٽ-پاٿن تي بيٺل گاڏي يا خوانچي وارا بہ صفائيءَ ۾ ڪنهن کان پوئتي ناهن. کابہ شئي ڊائريڪٽ ڪاغذ يا ڀڙي ۾ وجهڻ بدران، پلاسٽڪ جي ٽرانسپيرنٽ رومال ۾ ويڙهي پوءِ ٿيلهيءَ ۾ وجهن. جڏهن تہ اسان وٽ شيون وڪڻندڙ وري اهڙا نيٽ بڇڙا ٿين، جو گراهڪ هيڏانهن هوڏانهن ڪند ڪيو يا اک ڇنيي ناهي، تہ ڇگي شئي سان، ٻچيل سڇيل پاروٺيون شيون گڏائي، پيڪ ڪري ڏيندا. اهي بي‌ايمانيون رڳو کاڌي جي شين ۾ ئي نـہ پر ضرورت زندگي جي هر شعبي ۾ شامل آهن، جن کان آجو ٿيڻ شايد تہ اسان جهڙي ملڪن جي مقدر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

”اهڙا سهڻا ڪنگڻ ڪٿان ورتئي؟ شيشي جا آهن يا ڪاٺ جا؟“

فار ايسٽ جون عورتون ڪنگڻن جي معاملي ۾ ڏاڍيون شوقين ٿي ڏٺيون، جو بنا دير ڪٿي ڪرائيءَ کي جهليندڙيون آهن. مون کيس سڪٽي صلاح هڻندي چيو، ”جي توکي پسند آهن ته تون رک.“

هن خوش ٿي مون کان ڪنگڻ وٺڻ جي خواهش ڏيکاري ۽ ان مهل ئي ٻانهن ۾ پاتائي، ته ڙندي چوڻ لڳي، ”ڏس منهنجي ڊريس سان ڪيڏو نه ميچ ٿا ڪن.“

”ها بلڪل،“ مشڪندي ورائيم. پر دل ۾ سوچيم، ’مون وري ڪهڙا بنا ميچنگ جي پاتا هئا.‘

ڪوچ هاٿي ’باٽڪ فيڪٽري‘ ۾ داخل ٿيو. باٽڪ پرنٽنگ اتي جي معروف صنعت آهي، جنهن ۾ ميڻ ۽ رنگن جي مدد سان ڪپڙي تي مختلف ڊزائينون پينٽ ڪيون آهن. فيڪٽريءَ ۾ چيني پاسي ملئي ۽ چيني ڇوڪرين، باٽڪ جو ڪم وڏن ڪارچوبن تي ويٺي ويٺي ئي ڏاڍي نفاست ۽ خوبصورتيءَ سان ٿي ڪيو. اندرئين پاسي ’ڊسپلي سينٽر‘ ۾ باٽڪ جون ڪيتريون ئي ويرائيٽيز وڪري لاءِ پڻ موجود هيون.

باٽڪ فيڪٽري ڏيکارڻ بعد، روبي اسان کي **Buddhist** ٽيمپل، هندو ٽيمپل، سک ٽيمپل ۽ مليشيا کي ڪروڙين پرڏيهي ڊالر ڪمائي ڏيڻ واريون **Tin Mines** ڏيکاريندي، واپس ان جاءِ تي آڻي ڇڏيو، جتان کنيو هئائين، ويندي ويندي هڪ وار وري هن ڪنگڻائپ پري خوش دليءَ سان مون کان موڪلايو.

.........

اسان ته پوءِ رستي ٽوئر وٺڻ کان ڍڪي ڪٿي توبهن ڪئي. پر پوءِ جتي به اهڙا ٽوئرسٽ ٿي نظر آيا، جيڪي پنهنجا ٽڪا ٽڪر وڃائي گائيڊ جي پويان نماڻا ۽ محتاج ٿيا پيا هليا ته انهن تي ڏاڍو قياس ٿي آيو. هونءَ جي پنهنجي ليکي سچي ڏينهن لاءِ ٽيڪسي بڪ ڪرائي گهمجي، ته آن جهڙي ڪا ڳالهه ئي ناهي؛ جو ان ۾ فائدو ۽ مزو به آهي ته ڊرائيور به مکيه جايون ڏيکارڻ

آهي، انتظار ڪريو. اسين انتظار ڪان سواءِ ٻيو ڪري به ڇا ٿي سگهياسين. پرائي ديس ۾ مڇرجي، ائر پورٽ کي نذرِ آتش ته نه ڪريون ها!

سيڪيورٽي چيڪنگ وغيره کان واندا ٿي ڊپارچر لائونج ۾ ويٺي چڱي دير اچي ٿي هئي. جهاز به ڪٿي حد ڪئي، شايد ته آڏامندو نه بلڪ ڦيٿن تي رڙهندو پي آيو. مون اِن دير تي دل ئي دل ۾ جک پي ڪاڏا ته ارم سونو 'ڦل وڇائڻ جو انڪشاف ڪري ويتر موڊ آف ڪري ڇڏيو.

'ڦل گولائڻ ۾ زمر به اچي ارم جو ساٿ ڏنو، ٻنهي کي هيڏانهن هوڏانهن فرش تي نهاريندو ڏسي سيڪيورٽي آفيسر اڳتي وڌي آيا، ۽ وڏي فراخدليءَ مان ٻنهي کي لائونج مان ٻاهر اچي 'ڦل ڳولهڻ جي موڪل ڏني، نه ته ڊپارچر لائونج ۾ داخل ٿيڻ کان پوءِ ٻاهر ڪونه ڇڏين. ملئي مسلمان ڪسٽم آفيسرن، ٻاهرين سان گهڻي رعايتون ٿي ڪيون، جڏهن ته چيني آفيسر شڪل مان ئي ڏنگ ٿي لڳا. پر 'ڦل ڪي نه ملڻو هو سو نه مليو، ته محبوب دلاسو ڏيندي چيس، "ڪائي ڳالهه ناهي، سنگاپور مان هلي نوان ڦل وٺجانءِ."

جيئن هڪ ڪمري مان ٻئي ۾ وڃجي، ڪجهه ان ريت جهاز به اچي ڊپارچر لائونج سان جُڙي بيٺو.

اهڙا انتظام هاڻ ٻين ائر پورٽن تي به عام ٿي ويا آهن.

مليشيا ائر لائينز وارو سفر اڪ ڇنڀ ۾ گذاري، رات جو ٻارهين ڏاري دنيا جي خوبصورت ترين ائر پورٽن مان هڪ 'سنگاپور چانگي ائر پورٽ' تي اچي لٿاسين. ائرپورٽ نه هو ڇڻ روشنين ۽ رنگن سان جرڪندڙ ڪو طلسمي جهان هو.... محبوب ٻڌايو ته اهڙو ڪشادو، ائرڪنڊيشنڊ، ڪمپيوٽرائزڊ، الٽرا ماڊرن صاف سٿرو ائر پورٽ امريڪا ۽ يورپ ۾ به نه هو.

عاليشان ائر پورٽ ڏسي سوچيم ته شهر الائي ڇا هوندو، بس رکي رکي ڪنهن اڻ ڏٺي، نفيس ۽ دلڪش دنيا ۾ لهڻ جو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

گمان پي ٿيو.... ائرپورٽ تان ٻي هوٽلن جا اگهه پڇي اسان ميٽروپوليٽن Y.M.C.A Tanglin Centre ۾ رهڻ جو ارادو ڪيو، جيڪا سڄي دنيا ۾ پنهنجي ڪلبن وغيره کان علاوه بهترين ڪارڪردگي ۽ دوستاڻي ماحول واري مهمانوازي سبب بين الاقوامي شهرت حاصل ڪري چڪي آهي.

مليشيا ۽ سنگاپور جي ٽيڪسين ۾ چئن کان وڌيڪ ماڻهو ويهارڻ جي اجازت ناهي، تنهنڪري ٻن ٽيڪسين ذريعي، شاهي بلڊنگن وارين خوبصورت ۽ باغ بهار شاهراهن تان ٿيندا، ويهن منٽن اندر Steven Rd. وٽ Y.M.C.A جي شاندار عمارت تي اچي پهتاسين. چپ چپات لڳي پئي هئي.... ڪائونٽر تي ويٺل ننڍا ڪڙي چيني رسيپشنسٽ کان ڏيتيون ليتيون ڪري، ٽن ڊبل رومز جون چابيون وٺي، جيزس ڪرائيسٽ جي قولن سان سينگاريل فل ڪارپيٽ ائرڪنڊيشنڊ ڪشاده ڪمرن ۾ داخل ٿياسين، جن ۾ فون، ڪلر T.V، ميوزيڪل چينلز وغيره جون سموريون سهوليتون موجود هيون. رات جو هڪ لڳڻ ڪري Y.M.C.A ريسٽورينٽ به بند هئي. جهاز ۾ جوز ۽ سڪٽي چانهه کانسواءِ ڪجهه نه مليو هو، تنهنڪري سڀني کي اچي بک ورايو. اوچتو مليشيا مان آندل سينڊوچ ياد پيم جيڪي محبوب، شفيع ۽ ٻارن کائي هانءُ جهل ڪئي. مون وٽ ته رات جو اٺين کانپوءِ ماني کائڻ جو تصور ئي نه هوندو آهي، بک پاڻمرادو ختم ٿيو وڃي، باقي ڪير جي ٻاڙ سا ضرور هئي، جڏهن اهو به نه ملي سگهيو ته پاڻي ڍڪ پي سمهي رهيس.

صبح جو نوين بجي 'هو-ها' جي آوازن تي اک کلي. دري کولي ٻاهر نهاريم ته بوندون پي برسيون ۽ سڄ بادلن جي رليءَ ۾ وڃي لڪو هو. پر هيٺ گرائونڊ ۾ مينهن ڦڙين کان بي نياز ڪراٽي جا شاگرد، استاد سميت پنهنجي 'هو-ها' ۾ مست هئا. ڪا دير مان مستقبل جي 'بروسلين' جي جوڊو ڪراٽي ڏسندي رهيس ۽ پوءِ تيار ٿي اسان سڀئي هيٺ Y.M.C.A جي ريسٽورنٽ ۾ اچي نيرن ڪئي. جتي ويٽر جي ڊيوٽي، اسڪول ۽ ڪاليج جي شاگردن ۽

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

هيون. ڪنڊيڪٽر جي ته ڪا ضرورت ئي نه هئي. سمورو انتظام آٽوميٽڪ هو. دروازا پاڻهي کليا ۽ بند پي ٿيا، سامهون در چڙهڻ لاءِ ته پوئين لهڻ لاءِ. ٽڪيٽ جا پئسا به ڊرائيور جي اڳيان رکيل هڪ دٻي ۾ وجهبا، ته مشين مان پاڻمرادو ٽڪيٽ نڪري ايندي. شاگردن کي I.D ڪارڊ تي مفت سفر ڪرڻ جي سهوليت آهي. جيئن ته اسان اڳ ئي پنجن ڊالرن وارو ڪارڊ خريد ڪري چڪا هئاسين؛ تنهنڪري اسان کي ڪنهن به بس ۾ ڪا بہ ٽڪيٽ وٺڻ جي ضرورت نه پوندي هئي. رڳو اهو ڪارڊ سامهون جهلڻ سان ئي ڊرائيور جون واڇون ٽڙي ٿي پيون ۽ اسان وڃي پنهنجي سيٽ تي والاري. ڪڏهن ته ڪارڊ ڏيکارڻ بنا ئي سيٽن جو رخ ڪيو هو، ته به پڇندا ئي نه هئا. ڪين اسان وٽ ڪارڊ موجود هئڻ جي خاطري هوندي هئي. سنڌن اعتماد ڪرڻ وارو اهو انداز مون کي وڻيو. ايئن برابر آهي ته انڌو اعتماد ڪرڻ وارا ماڻهو اڪثر دوکو کائيندا آهن، پوءِ به سوچ انهن جي ئي ليکبي، جو اعتماد جي صلي ۾ دوکو کائڻ وارو ڏک، ان ٺڳيءَ کان بهتر آهي، جيڪا ضمير جي سجاڳيءَ جي ڪنهن موڙ تي پڇتاءَ تي روح جو ناسور بڻجي، اندر کي کوريندي رهي.

سنگاپور ۾ هر شئي جيان بس اسٽينڊس به نهايت صاف سترا آهن، ڪن تي پٿر جون بينچون پيل ته ڪن تي نرم گداز صوفا رکيل. اسان وٽ جي خدانخواسته اهڙا صوفا سيٽ رکجن ته انهن کي ڪرڙي، نعرا لکي، ريگزين پٽي، فوم ڪوهي، اسپرنگ اکيڙي کوکو بنائڻ ۾ دير ئي نه ڪبي. خير، صوفا رکڻ جي سوچ ته هڪڙو خوابِ خيال هو، اسان وٽ ته گٽرن جا ڍڪ ۽ اسٽريٽ لائيٽن جا بلب به ڏينهن ڏٺي جو چورائجو وڃن ته صوفا جي سلامتيءَ جي ڪير گيرنٽي ڏيندو .... سنگاپور جيان پاڪ صاف وايومنڊل ۽ ڪلچرڊ معاشرو پيدا ٿيڻ ۾ اڃان وقت لڳندو، پر ان ڪل ڪرائيندڙ سوچ جي به ڪا گيرنٽي نٿي ڏيئي سگهجي.

بس اسٽيشن، اسانجي ريلوي اسٽيشن کان به وڌيڪ خوبصورت

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

۽ صفائي سٿائي ۾ بيمثال هئي، يونيفارم پهريل عملي ٻڪنگ جا فرض نهايت هوشياريءَ ساڻ پورا ٿي ڪيا. اهو پهريون پيرو هو جو بسن جي سفر ڏاڍو مزو ڏنو. تقريباً سڄو شهر ڏاڍي آرام سان گهميوسين.

سرنگون روڊ تي اچي ايئن لڳو ڄڻ سنگاپور نه پر انڊيا جي ڪنهن ُپرونق بازار ۾ اچي نڪتا هجون. انڊيا جو هر ٽريڊ مارڪ اتي موجود هئڻ ڪري اهو پاسو سڏجي ئي ِلٽل انڊيا. رستي جي ٻنهي پاسن ڪان هندو، مسلم ۽ سکن جا لاتعداد دڪان، هوٽلون ۽ مانڊڻيون آهن، جتي هر قسم جا ڪاڏا سستي اگهن تي مليو وڃن. هڪ پاسي تامل ڇوڪريون موتئي ۽ چنبيلي جي گلن جا گجرا پوئي، ماحول کي معطر پيئي ڪيو، ته ٻئي پاسي پاسارين جي دڪانن تان لوبان، اگربتين ۽ تيز مرچ مصالحن جي خوشبو فضا تي ڇانيل هئي. مسجد، گردوارا ۽ مندر به ان پاسي ڪيترائي آهن. تامل سونارن جي دڪانن تي رکيل شوڪيسن ۾ زيور ايئن ٽنگيا لڳا، ڄڻ سونا پترا ڀا پڙچ وڇايا پيا هجن، جن ۾ نفاست ۽ ڪاريگريءَ جهڙي ڪا ڳالهه ئي نه هئي. انهن کي پائڻ معنيٰ ته هرويرو جو سون ڇهتائي هلڻ، پوءِ به تامل زالون انهيءَ جون ديوانيون هيون. جن جي ڪاري رڪت رنگت تي؛ چمڪيلي زيورن هيڪاندو ڪٺي قهر ڪيو. انهن زيورن جي ڀيٽ ۾ جديد طرز جي چيني زيورن جي ڇا ڳالهه ڪجي، ڪمال ڪاريگريءَ سان جڙيل اهڙا ته نفيس ۽ دلڪش نمونا هئا، جو خريدار لاءِ سليڪشن ڪرڻ هڪ مسئلو ٿي بنجي پيو.

سرنگون روڊ گهمندي محبوب ۽ شفيع کي اچي ڪير پتي چانهن پيئڻ جي ٻاڙ لڳي، هو مانڊڻين آڏو رکيل ڪرسين تي ٿي وينا، تيستائين اسان وري گرم گرم جليبين تي مارو ڪيو.

چانهن چڪي پيئڻ سان محبوب جو موڊ ويتر خوشگوار ٻڻجي پيو ۽ هو ان دم Jurong Bird Park هلڻ جا سانباها ڪرڻ لڳو.

ُجورانگ برڊ پارڪ' نهايت وڻندڙ ۽ ڏسڻ جوڳي جاءِ

جيترو بہ گهمجي تہ بہ نہ دل پربي، نہ ئي دلچسپيءَ واريون جايون جڳهيون ڪٿهنديون. پر شفيع جي مرضيءَ رکڻ لاءِ اسان کي سندس صلاح مڃڻي پئي.

سنگاپور کي Lion city جي لقب سان تہ سڏاتو ئي وڃي ٿو پر کيس Shoppers paradise جي رتبي جو بہ شرف حاصل آهي. چوندا آهن تہ سونهن سرس هجي تہ ڪل جهان جا سينگار پيا سوهندا. سنگاپور بہ انتهائي خوبصورت ملڪ آهي ۽ ان حوالي اسڪاٽ سينٽر، ريفلس سٽي، Forum Galleria, wisma ataria ميٽرو، لڪي پلازا ۽ لڪي اسٽار وغيره جهڙا الٽرا ماڊرن، فلي ائرڪنڊيشنڊ شاهي ڪامپليڪس ۽ شاپنگ سينٽر، سنگاپور جا اهڙا سينگار آهن جن خريداريءَ جي شوقينن لاءِ ايڏي تہ ڪشش پيدا ڪئي آهي، جو اُهي گهمڻ کان وڌيڪ خريداريءَ ڪرڻ لاءِ ايڏانهن ڇڪجو اچن. سنگاپورين کي ان ڳالهہ تي ناز آهي تہ گهڻ ملڪ هوندا جيڪي سنگاپور ۾ وڪرو ٿيندڙ شين جي ويرائٽيءَ سان ڪلهو هڻي سگهن. اسانجو پاڪستان لاشڪ تہ انهن خوش بخت ملڪن مان هڪ آهي، جتي دنيا جي هر شئي ۽ ويرائٽي ايجاد ٿيندي ئي پهچو وڃي. اهڙا مثال ڪراچي جي طارق روڊ ۽ ڪلفٽن وارن دڪانن ۾ نظر ايندا؛ جيڪي سڄي ساري سنگاپور پاڻ ۾ سمايو ويٺا آهن. اڄان ڪا شئي سنگاپور ۾ انٽروڊيوز ٿيندي مس تہ ٺڪ اچي اتي ڪندي. ماڻهو خوش ٿي خريداريون ڪري ملڪ ۾ موٽندو، تہ اڳ ئي اهي شيون اچي منهن ۾ لڳندس. مٿان وري ناحق اهو ٿيندو تہ انهن شين جي ڪاپي بہ اهڙي تہ چالاڪي ۽ ٺاهوڪي نموني سان ڪئي ويندي آهي، جو هر هنڌ آها شئي ٽڙي پکڙجي ايڏي تہ عام ٿي ويندي، جو جبل جهاڳي پنهنجي پر ۾ منفرد شئي آڻڻ واري جو هيون ئي سڙي رکب ٿيو وڃي. تنهنڪري اهڙن ماڻهن کي ان مان سبق حاصل ڪرڻ گهرجي جيڪي سنگاپور ويندا ئي ڇڙو شاپنگ ڪرڻ آهن.

شفيع چوڌري جنهن دڪان تي ٿي چڙهت ڪئي آتان واپس

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ورڻ جو خيال ئي لاهي ڇڏيائين. صلاح مشورا ۽ اگهه گهٽائڻ لاءِ محبوب پيو ساڻس گڏ ڏيندو هو، مون به ڪجهه هلڪي ڦلڪي شاپنگ ڪئي پر پوءِ ساڳيون شيون هر هنڌ ڏسي ايڏي ته دل ڀرجي پئي جو لڳو ٿي ته سڀ خريد ڪري، استعمال ڪرڻ بعد واپس دڪاندارن کي ڊونيٽ ڪري ڇڏيون اٿم....

سنگاپور جا هڙئي دڪان اليڪٽرانڪ جي نين ۽ عجيب ايجادن سان ڀريا پيا آهن. اڳ ڪڏهن ڪڏهن ڪا نئين ايجاد ظاهر ٿيندي هئي ته ڏاڍي عجب ۽ شوق سان ان کي ڏسبو هو ۽ وس پڄندي انکي حاصل ڪرڻ جي ڪوشش به ڪبي هئي، پر هاڻ آئي ڏينهن ايڏيون ايجادون ٿين پيون، جو وڏي ۾ وڏي حيرت ڏياريندڙ ۽ انوکي ايجاد به ڪو ڇرڪائيندڙ اثر نٿي ڇڏي.

هڪ ئي شاپنگ سينٽر جي ڪيترن ئي فلورن جا لاڳيتا طواف ڪرڻ سان مونکي اهو شاپنگ سينٽر گهٽ ۽ 'سلمنگ سينٽر' وڌيڪ ٿي لڳو. ڏينهن جا ٽي اچي ٿيا، ٻار بک کان بي حال هئا، جن جي پرزور احتجاج تي لاچار شفيع کي ٽولهن ۽ پڙن سوڌو سينٽر مان ٻاهر اچڻو پيو.

محبوب چيو، "اڄ توهانکي سردار جيءَ جي هوٽل تان اصلي انڊين ماني کارائبي." هو جڏهن به سنگاپور اچي ته اتي جي ماني ضرور کائي، تنهنڪري ان هوٽل جي مالڪ آڄاگر سنگهه سان چڱي دعا سلام ٿي وئي هئس. هوٽل ۾ آياسين ته سردارجي وڏي حُب مان محبوب سان 'جپي پائي' مليو. محبوب ساڻس منهنجو تعارف ڪرايو ته هو 'پابي پابي' ڪندي ٽڪوئي نه پي ۽ ماتحت 'سردارن' تي دڙڪن جا ڌوڙيا لائي ڏنائين، "آوئي ڇيتي ڪر، پابي دے واسطے گرما گرم روٽيان لا" اهو ٻڌي هڪ قداور سردارجي مانيءَ جي انتظامن ۾ لڳي ويو. اڄ واقعي گهر جهڙي ماني ملي. پالڪ گوشت، ڪريلن جي ڀاڄي، سيخ ڪباب، چاپون گرما گرم ڦلڪا، پاپڙ، چٽڻي، سلاد ۽ گهاٽي لسيءَ جا گلاس اچي ميز تي سهڙيا. سيني ڍؤ ڪري ماني کاڌي. سردارجي کان موڪلائي هيٺ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

بمن جي ڌماڪن، خونريزين، اغوائن، سياسي هنگامن، هيروئن جي ڪرشمن ۽ نت نئين وبائي بيمارين سببان عالمي شهرت جو حامل آهي، سو ڪنهن ڳڻپ ۾ ئي نه هو!

پرائي ديس ۾ جتي ٻه چار ڄڻا ڪتل ڏسون ته آسائتين اکين سان نهاريون ته متان اسان وارو چنڊ تارو نه ان منجهه لهرائيندو هجي، پر هر ڀيري رڳو مايوسي ئي پلئه پئي.

صبح جو سنگاپور جي خوبصورت جزيري Santosa گهمڻ جو ارادو ڪري، اٽڪل يارهين بجي World Trade Centre تي پهتاسين. جيسين محبوب فيري ٽرمينل تان ٽڪيٽون وٺي اچي، تيسين اسان شفيع چوڌري سان گڏ ان سينٽر ۾ گاڏين ۽ فرنيچر وغيره جي شو رومز جو جائزو وٺڻ لڳاسين. ان پاسي فرنيچر تي سڀ جو ڪم ڏاڍو مشهور ۽ مهانگو آهي. چوڌري صلاح ڏيندي چيو، ”چو نه ان شوروم جو فوٽو ڪڍي وٺجي ته جيئن سنڌ هلي اهڙو نمونو ٺهرائجي. اِتان وٺڻ ته پنهنجي وس کان ٻاهر آهي.“ ائين چوندي هن ڪئميرا سيٽ ڪئي ۽ ڊسٽنگ ڪندڙ سيلز گرل کي پاڻ ڏي متوجه ڪري فرنيچر جو فوٽو ڪڍڻ جي اجازت گهري، پر نينگريءَ چينڪيءَ انگريزي ۾ وڏي فلڪ مان وراڻيو، ”سوري سر، شوروم جي تصوير ڪڍڻ جي اجازت ناهي، ڇو ته اهڙيءَ ريت فرنيچر جي ڊزائين ڪاپي ٿي ويندي.“

اهو نتيجو هو زوريءَ ڏيان چڪائي اجازت وٺڻ جو، نه ته ٻين دڪانن جا فوٽا ڀي ڪڍياسين ته ڪنهن نٿي جهليو، رهندو نوڪر يا مالڪ پاڻ به ان تصوير جو حصو بڻجڻ جي ڪوشش ٿي ڪئي. پر اِها سيلزگرل وڏي ڪا آڙيڪاپ هُئي، جو فوٽي جي آڙ ۾ فرنيچر ڪاپي ڪرڻ وارو خطرناڪ ارادو سمجهي وئي. انڪاري جواب ٻڌي شفيع جي منهن جو پنو لهي ويو. مون سندس هانءَ ٺي ٺنڊو ڪرڻ خاطر ’گدڙ ڊاک نه پڄي....‘ جيان، فرنيچر مان ويڪون ڪڍندي چيو، ”فرنيچر وري ڪهڙو اٿس جو ايڏو مان ٿي ڪري، نلهو ڏسڻ جو ئي ته آهي.... ڇهه مهينا مس هلندو، اُڏوهي لڳس ته

سان اچي شامل ٿيا.

خدا جيان انسان کي ٻــ پنهنجي پر ۾ هر جاءِ، هــر هنڌ حاضر رهڻ جي ڪيڏي نه تمنا رهي ٿي، اها ئي ڳالهه آهي ته غريب نالي ۾ ئي نهال ٿيو وڃي. اسانکي ٻه اهڙو احساس ٿيو ته جيستائين سمنڊ ڪناري اهــي وڻ هوندا. اسان جو نالو اسانجي وجود جـو حصو بڻجي 'سنتوسا' جي هندوري جهڙين هيرن ۾ هـُرندو رهندو.

سنگاپور ۾ گهمندي ڦرندي نوخيز جوڙن جي قربن جا ڪـئي نظــارا نظــر آيا. ٻــاقي رنج رُسامي وارو سين؛ جنهن جـو ميلن تائين ڪو پتو نه هو، اهو اوچتو ئي اوچتو 'سينتوسا ميوزيڪل فائونٽن' ڏي ويندي اکــ چڙهي ويو. هڪ پٽڪڙي حسينا نازنينا پاڻ کان وڏي پٿر تي ويهي گونگا ڳوڙها ڳاڙيا ۽ نوجوان پڊو ٻانهو ٿي سندس قدمن ۾ ويهي ڪيس پرچائڻ جا هيلا وسيلا ٿي ڪيا. پر هوءَ ايڏي ڪا ڏکويل هئي جو مرڳو ڪميءَ جيان ڪنڌ ڪٽي گوڏن ۾ هيائين. نوجوان ٻه غم والم جـو مجسو بڻجي پير ۾ ويهي رهيس. اوچتو حسينا، شايد اهو جانچڻ لاءِ ته 'مار ايڏي انگل ڪان پوءِ به همراه ڪٿي فرار ته نه ٿي ويو' منهن مونن مان مٿي ڪيو، پر جهٽ پلڪ ۾ دلجاءِ ٿيندي ئي وري ساڳي پوزيشن اختيار ڪيائين. ان لمحي سندس ڀيڻل اکيون، نمڌڙو ڳاڙهو نـڪ شاهدي ڏيئي رهيا هئا ته واقعي ڪيس ڪو صدمو رسيو آهي. ٻنهي کي سندن حال تـي ڇڏي مان اچي فائونٽن تي پهتس، جتي محبوب ۽ ٻارن فوٽو گرافي پي ڪئي. ڏيڍ ٻن ڪلاڪن کان پوءِ وري جڏهن ان پاسي کان لنگهڻ ٿيو ته منهنجي حيرت جي حد نه رهي جو اهو ساڳيو جوڙو اڃان تائين ان Still pose ۾ هــو. 'خدا سندن مشڪل آسان ڪـري' مان دل سان دعا ڪندي اڳتي نڪري آيس.

ڇڱو وقت ان خوبصورت ٻيٽ جو سير ڪرڻ کانپوءِ وري ساڳيا ماڳ وٺي اچي ورلڊ ٽريڊ سينٽر تي پهتاسين. جتان ٽيڪسيءَ آئي ٽائيگر بام گارڊن رسايو. باغ جي مهڙ ۾ ئي جبل جيڏا رنگ برنگي ديومالائي مجسما ۽ پٿر جون آفتون بلائون ڏسي عجب وٺي

ويـو. آرٽ جا پيا به ڪيئي نمونا ان باغ ۾ نظر آيا، پـر ڪمال ڪاريگريءَ سان ٺهيل انهن پٿر جي مورتين جو تـه جواب ئي نه هو، جن ذريعي اڳئين زماني ۾ ملندڙ سزائن جي منظرڪشي ڪيل هئي. ماڻهوءَ کي ڪاٺ تي اُبتو ڪري، پُٺيءَ تي ڪاٺ رکي به اڌ ڪرڻ ۽ زبان کي هٿ سان ڇڪي ٻـاهر ڪڍڻ جهڙين سزائن جا منظر ته اهڙا ڀيانڪ هئا جو وڌيڪ ڏسڻ جو حوصلو ئي نه ٿيو. محبوب کي چيم، ”مان نٿي ڏسي سگهان اهڙا اذيت ناڪ منظر....“ ”پـوءِ توهين هلي دڪانن تان سووينئر وغيره وٺـو،“ هن وراڻيو. ”اسين به اتي ئي ٿـا اچون.“ اهو ٻڌي شفيع ڪلندي محبوب کي چيو، ”چنبو ته ٽائيگر بام گارڊن پاپيءَ کي ڏيکاري ڇڏيو؟“ ”نه ادا،“ وراڻيم. ”اهي ڀيڄان ٻـوتا وري ڇا ڏيکاريندا، ٻر ان پويان جيڪا اذيت ناڪ حقيقت آهي تنهن جو تصور ئي ٻـرداشت کان ٻاهر آهي.“ ايئن چئي مان آنان هلي آيس ۽ ٽائيگر بام گارڊن جي دڪانن تي اچي مشهور ٽائيگر بام ۽ ٽـائيگر آئل جون ڪيترين ئي شيشيون خريد ڪيم جيڪي ٿـڌ زڪام، مٿي جي سور، جيئت جڙي جي ڏنگن، روح جـي ڦيري ۽ ڪنگهه وغيره جهڙين تڪليفن لاءِ پين دوائن گولين جي ڀيٽ ۾، بي‌ضرر هئڻ سان گڏ وڌيڪ ڪارائتون آهن. انهن دوائن کي ملڪان ملڪ فروغ ڏيئي پنهنجي حڪمت جي هاڪ هنڌين ماڳين پهچائڻ وارا ٻـه چيني ڀائر هئا، جن محنت ۽ دانشمنديءَ سان ڪک مان لک ڪري، محل ماڙيـون جوڙائي نه رڳو ٽائيگر بام سلطنت جو پايو وڌو پر پاڻ بـه وڏي حيثيت جا مالڪ بنجي پيا. ٽائيگر بام گارڊن به انهن جو ئي ٺهرايل آهي.

سنگاپور جي سوڌهن سينگار، صفائي ستائي ۽ قاعدن قانونن جي ته کهڙي ڳالهه ڪجي، باقي ٽيڪسي ڊرائيورن جي اها ڳالهه سا مون نوٽ ڪئي تـه اُهي ٽيڪسين تـي لڳل No Smoking واري اسٽڪرز جي سختيءَ سان تنبيهه ڪرڻ جي باوجود به، پاڻ کي الائي ڇو ان جهل کان آجو ٿا سمجهن. جيسين ڪا سواري ملين، تيسين A C اندر بند گاڏيءَ ۾ نوڪلا ٽيو ويٺا سگريٽون ڇڪيندا،

سباجهڙائيءَ مان وراڻيو، ”اسين ڪوشش ڪريون پيا تہ پنهنجي ٻارن کي سنڌي سيکاريون.“

مون چاتو ٿي تہ هن رکيو منهنجي ڳالهہ کي وزن ڏيڻ ڪاڻ ايئن ٿي چيو، جنهن ۾ پڻ سنڌين جي مروت، لحاظ ۽ ادب جا اهڃاڻ شامل هئا. مون کي لڳو تہ سنڌو هر سنڌيءَ جي رڳن ۾ رت بڻجي گردش ڪندو رهندو، زبان ڀل سنڌي ٻولي نہ اچاري پر سنڌيت من جي موجن، اندر جي اڇل ۽ روح جي رمزن ۾ هر حال ۾ دائم قائم رهڻي آهي.

سنڌين جا پيا ٻہ ڪيترائي دڪان ان ايريا ۾ موجود هئا، ڪي جهونا جوڳي اسان کي ٻاڻ ۾ سنڌي ڳالهائيندو ڏسي وراڻي ويا ۽ حسب معمول هر ڪنهن ساڳيو سوال پڇڻ جي دم لائي ڏني تہ سنڌ ۾ اجان شاهي بازار آهي؟ هيرآباد آهي؟ سري گهاٽ آهي؟ منهنجو بہ سڀ کي ساڳيو جواب هو تہ، ”توهان کي جي سچ پچ سنڌ لاءِ ايڏي سڪ سار لڳي آهي تہ چو نٿا اچي گهمي وڃو، اوهان کي تہ هندستان جي سنڌين جيان ويزا جي ٻہ ڪا پابندي پرابلم ناهي، سکيا ستابا آهيو، جهاز ۾ چڙهڻ سان دير ڏي ڪيتري لڳندو....“ پر ڦڪي کل ڪلندي، سمورو بار ڏڻيءَ تي وجهي چوندا، ”بس چا ڪريون، جيڪا ڏڻيءَ جي مرضي.... هاڻ تہ هتي سيٽل ٿي ويا آهيون....“ انهيءَ تي، ’تنگون چيو نہ ڪن لعنت گوڏن کي‘ واري چواڻي ياد ڪندي وراڻيم، ”ڪا مان بہ توهانکي آتي سيٽل ٿيڻ لاءِ تہ ڪونہ ٿي چوان، پر سڪ جي آڌو تہ ڪا مجبوري نہ ٿيندي آهي.“ ان ڳالهہ تي، ڦڪائي وندرائڻ لاءِ ٺهڪ ڏيئي، تيزيءَ سان پسند ڪيل ڪپڙي جا ميٽر ماپي، ڇڻ سنڌ وارو موضوع وائينڊ آپ ڪري ڇڏيندا.

مون کي ڪا خاص شاپنگ نہ ڪندي ڏسي محبوب چيم، ”اڄ سنگاپور ۾ شاپنگ جو آخري چانس آٿو، جيڪو ڪجهہ خريد ڪرڻو هجيوَ ڪري ڇڏيو. اتان ڪان بهترين شاپنگ مليشيا ۾ نہ ٿي سگهندي.“

هر ماڻهوءَ جي هٿ ۾ ڪئميرا هئي، ڪيترن ته ڪئميرائون ڏيئي اسان کان بہ پنهنجا فوٽو ٽـي ڪيدرايا. باغ گهمڻ بعد اتـي جي Boat Resturant ۾ اچي ڪولڊ ڊرنڪ ۽ سنيڪ وغيره ورتي سين.

سنگاپور جا رهاڪو گهڻو ڪري هٿ جـي چيچ وارا ٻئي ننهن وڌائيندا آهـن. ٻيڙيءَ جهڙي ان ريسٽورينٽ ۾ اسانجي پير ۾ ويٺل هڪ چيني کان ان بابت پڇڻ بنا رهي نہ سگهيس. هن وڏي خوش دليءَ مـان وراڻيو، ”چيچ جـو ننهن وڌائڻ اسان لاءِ خوش-قسمتيءَ جي علامت آهي؛ جيئن آگرين جو ليول برابر لڳي.“ هن مونکي پڻ صلاح ڏني تہ مان بہ good luck خاطر چيچ جو ننهن وڌائي ڇڏيان. پر مونکي ڪهڙو لاچار پيو هو جـو لـڪ جي لالچ ۾ ويهي ننهن وڌايان. ڏٺا ننهن تہ هونءَ بہ ڪرهت آميز لڳندا آهن. نيل پالش جو ليپو نہ هجين تہ جهڙا اچا چٽڙ چـُهٽل هجن.

گارڊن گهمي وري ساڳئي ’قانون شڪن‘ ڊرائيور جـي ٽيڪسيءَ ۾ ويهي ٻڌ مذهب جي ان ٽيمپل ۾ پهتاسين، جتي جي سڀ کان قابلِ ديد شئي پنجونجاه فٽ بلند ٻـُڌا جـو شاهي مجسمو هو، جنهن جي چوطرف هـزار بتيون لڳل هيون ۽ ان ڪري مٿس نالو ئي Thousand lighted tampel پيل هـو. ان ٽيمپل ۾ ڪيترن ئي ملڪن جي وڏين شخصيتن جا مجسما الڳ الڳ شوڪيسن ۾ سجيل هئا، ويندي مهاتما گانڌي مهاراج بہ ڌوتي ويڙهيو، ڪنڌڙي وٺيو بيٺو هو، پر ان ڳالهہ تي تعجب ٿيو تہ پاڪستان جي ڪنهن بہ سياسي شخصيت جو ڪو مجسمو نہ هو.

ٽيمپل گهمڻ بعد اسان سنگاپور ’جيمس ۽ جولري فيڪٽري‘ جي راهہ ورتي. ڏاڪڻيون چڙهي جيئن ئي مٿي آياسين تہ هڪ سنهڙو سيپڪڙو چيني ڇوڪرو اڳتي وڌي آيو، جنهن پنهنجو نالو جارج ٻڌائيندي سڄي اسٽاف سان تعارف ڪرايو. فيڪٽريءَ جي ورڪرن پڻ تمام سٺو ورتاءُ ٽي ڪيو ۽ هر شئي بابت پروفيشنل گائيڊز جيان ڄاڻ ٽي ڏني، پوءِ بہ دل کي اطمينان هو تہ اِهي گائيڊز ناهن.

جارج اسان مان هرهڪ ڏي منهن ڪري قيمتي پٿرن، هيرن

۽ جواهراتن بابت ڪجهه اهڙي ريت ٿـي سمجهايو: جو هر ڳالهه آساني ۽ سان ذهن نشين ٿيندي ٿي وئي ته کهڙو قيمتي پٿر ڪٿان ايندو ۽ ڪٿي ملندو آهي ۽ تراشڻ بعد ڪيئن نه سهڻو روپ اختيار ڪندو آهي. فيڪٽريءَ ۾ ڪجهه اڳيرو هلي هن اسانکي انهن قيمتي پٿرن جو اصلي روپ ڏيکاريو، جيڪي تراشڻ بنا پِسا ۽ بي رونق ٿي لڳا. فيڪٽريءَ جي شو روم ۾ اچي هن اسانکي انهن ڏي قيمتي ۽ رنگ برنگي پٿرن جي ڏڪرن مان نهايت ڪاريگري ۽ خوبصورتي سان ٺهيل، اليڪٽرونڪ سسٽم ليمپ شيڊز ۽ سينريز ڏيکاريـون، جن ۾ تاڙي يا چپٽي جي آوازن سان ٻرڻ ۽ اجهامڻ جي ته خاصيت رکيل هئي، پر ڪنهن بـه ڪڙڪي يا آواز سان پڻ ڪنٽرول ٿي ٿي سگهيون. قيمتي پٿرن سان جڙيل ان ’جـادوئي‘ ليمپ ۽ تصويرن ايڏو ته مزو ٿي ڏنو جو پوءِ هـر آئي وئي انهن آڏو اچـي صابري برادرس جي همنوائن جيان تاڙيون ٿـي وڄايون. رهي ڪسر وري ٻارين ٻچين سوڌو امريڪنس اچي پوري ڪئي. جنهن سان ايئن ٿي لڳو ڄڻ فيڪٽريءَ ۾ ورڪرن جي سالگره هجي، يا ٻه چار قوال پارٽيون هڪ ئي وقت ميدان ۾ لهي پيون هجن.

اهي سمورا ڏڪسات ڏيکارڻ بعد جـارج اسان سان چڱـي ڪچهري ڪئي. بنا ڏڪيٽ جـي ايڏي ساري معلومات حـاصل ڪري، گهمي ڦري خالي هٿين موٽي اچڻ ٺهيو به ڪين ٿي، تنهن ڪري قيمتي پٿرن مان ٺهيل هڪ ’تاڙي مارڪه ليمپ‘ وٺڻو ئي پيو.

جارج تي ٿڌو ٺورو چاڙهي ۽ ٻيهر اچي سمورا هيرا جواهرات خريد ڪرڻ جو سڱڻو آسرو ڏئي، ڪانئس موڪلائي عرب اسٽريٽ جي سير لاءِ روانا ٿياسين، جتان پوءِ ڊرائيور آئي اجاگر سنگهه جي هوٽل تي ڇڏيو.

لڳاتار ٽن ڏينهن کان سندس هوٽل تي ماني کائڻ ڪري هو ڏاڍو سرهو ٿي لڳو، هاڻ تـه مان کيس مينو کان علاوه بـه پنهنجي پسند جون شيون تيار ڪرڻ جا آرڊر ڏيندي هئس. اڄ عيد جـي خوشيءَ ۾ هن خاص طور پنهنجي طرفان اسانجي دعوت رکي هئي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جڏهن وڏا وڏا پلازا ۽ سينٽر ٺهرائي سگهجن ٿا ۽ بجلي پاڻيءَ کان وٺندي زندگي جي هر سهوليت آڻي سگهجي ٿي، تڏهن ٿر کهڙي کوه قاف تي آهي، جتي اهي سڀ سهوليتون نٿيون پهچي سگهن. هونءَ به سنڌ چاهي سڄي پاڪستان ۾ پهريون حق جيترو ٿرين جو آهي، اهو ڪنهن به پناهه گير جو ناهي. شهرن ۽ ڳوٺن جي جن جاين جڳهن تي اڄ افغان پناهه گيرن ۽ بهارين جو قبضو آهي، اتي ڪاش جيڪر ٿرين کي آڻي آباد ڪيو وڃي ۽ سمورن پناهه گيرن کي هندستان مان آيل مهاجرين جي اڳواڻي ۾ ٿر ۾ منتقل ڪيو وڃي، ته اهو ٿرين سان انصاف ٿيندو. چاڪاڻ ته انهن جا سچر ۽ سچا هڏ اڳ ئي قربانين ۽ ترڪ وطنين تي هريل آهن. اهڙو قدم کڻڻ سان سنڌ ان دعوي ۾ به شايد تـه ڪا صداقت جي جهلڪ ملي پئي، جيڪا هو گذريل چاليهن سالن کان ڪندا اچن ته سنڌ جي پٽ تي پيل قوم کي انهن ئي اچي تهذيب سيکاري، سنڌ کي سکيو ستابو ڪيو آهي. اهڙي دعويداريءَ کانپوءِ هڪ محب وطن جي حيثيت ۾ ڪين ٿـر کي بـه سکيو ستابو بڻائڻ لاءِ اوڏانهن ترت ۽ تکڙي لڏ پلاڻ ڪرڻ گهرجي، ته جيئن هڪ نئون ثواب کٽي سگهن.

Y.M.CA ڏي وڃڻ لاءِ اسان جنهن ٽيڪسيءَ ۾ اچـي ويٺاسين ان جي ڊرائيور ٽيڪسي هلائيندي اوچتو محبوب کان پڇيو،

”توهان ملئي آيو؟“

”نه، پاڪستاني.“ محبوب وراڻيو.

”سلامت هري رايا“ هن عيد جون مبارڪون ڏنيون.

مونکي خوشي ٿي تـه هن پڻ جيان اسانکي اندين سمجهي هانءَ نه ساڙيو. گهڙي پل رکي هن محبوب کان پڇيو.

”سنگاپور پهريون ڀيرو آيا آهيو؟“

”مان تـه ايندو رهندو آهيان، منهنجي فيملي پهريون ڀيرو آئي آهي.“

”ٻارن کي موڪلون هونديون؟“ هن پڇيو.

”ها....“

ڪان هرڪو باخبر آهي ته ڪسٽم چيڪنگ هڪ اهم ترين فرض آهي. ماهر ۽ فرض شناس ڪسٽم آفيسر ته ماڻهوءَ جي چهري ۽ سامان جي مٿاڇري جائزي مان ئي اندازو لڳائي ويندا آهن، جڏهن ته ڪي لالچي آفيسر مسافرن کي پريشان ڪري هرويرو جو ان چيڪنگ کي اينگهائي وقت سيڙهائيندا آهن. سامان کي لنبا بازار جي مال جيان کولي پڪيڙي ايئن ڪٺي ڦٽوڪندا آهن؛ جو تڙ تڪڙ ۾ بند ڪرڻ سان سمورو سامان ٽن بيگن جيترو ٿيو پئي.... ان مهل واڌاري بيگ ڪٿان آڻجي.... اسانجو به ذري گهٽ اهڙو حال ٿيو، چيني ڪسٽم آفيسرن سامان ۾ آندل هر شئي کي لالچي نظرن سان ٿي ڏٺو. خريد ڪيل ڪپڙو هٿن ۾ جهلي بيهي رهيا ته ڪيترا پيس آهن.... مڙئي وات وڃائڻو، جيڪو ۽ جيترو سامان هو، اهو سندن سامهون ۽ هٿن ۾ هو، ڪا Invisible پناري ته پري ڪونه ڪٺي آيا هئاسين. ڪپڙو نه ڦٻي سگهين ته ڪئميرا لاءِ اڙي هٿي بيهي رهيا. چيائون، ٻه سئو ڊالر ڊپازٽ ڪرائي پوءِ ڪئميرا کڻو. ٻي صورت ۾ اٽ ئي ڇڏي وڃو، جيڪا ڪوالالمپور ڇڏڻ کان اڌ ڪلاڪ اڳ اوهانکي ملندي. اها صورتحال ڏسي محبوب سينئر ڪسٽم آفيسر مسٽر وانگ ڏي ويو، پر آن وئيل جي مارئي اسانجو داد فرياد ڪرڻ بجاءِ پڪو منهن ڪري رشوت طور ٿهه پهه ڪٺي پنجاه ڊالر طلبيا، جنهن تي محبوب ٽپندي چيس، ”مان ٽوئريسٽ آهيان پنجاه ڊالر ته ڇا پنجاه سينٽ به نه ڏيندومانءِ، ڀل رک ڪئميرا ۽ مونکي ڏي رسيد.“

ايئن چوندي محبوب خارن مان ڪئميرا ڪٺي ڪائونٽر تي سٽي. مونکي ته اڳ ئي آنهن ٻن چيني آفيسرن تي چڙ ٻيڻي هئي جن جي ڪري اهو سمورو ڏچو پيدا ٿيو. ويتر ڪانگ جهڙي وانگ جي هيچناڪ حرڪت تپائي رکيو، تنهنڪري پناهگيرن جي مچريل هجوم جيان پير سٽيندا، ٻٽگون گهليندا ۽ ٻچل سامان جون هڙون ٻڌي ٻاهر آياسين.

هوٽل ’چيمپئن‘ جي ڪائونٽر تي ويٺل مسز ٽين هڪ واري وري اسانکي پاڻ وٽ ڏسي اصل ٽڙي پئي ۽ سنگاپور جا احوال

وڃڻ لڳي. ٽوري ۾ ٻي ڪيس خبرون چارون ٻڌائي چاپيون وٺي ڪمرن ۾ آياسين.

سامان سڙو سيٽ ڪرڻ بعد ملاڪا ڪال بڪ ڪري پياءُ الطاف شيخ لاءِ ميسيج ڇڏيم. ويرم ئي نه گذري جو هن ڪال بيڪ ڪئي. ڪيس پنهنجو پروگرام ٻڌائيندي چيم ته اسين سڀاڻي صبح جو اٺين بجي ملاڪا لاءِ روانا ٿينداسين.

هُن ٻڌايو ته. ”بس ٽيڪ يارهين بجي اُتي پهچندي آهي پر مان ان کان به اڳ ساڳي رنگ واري ڊيٽسن ڪار ۾ ملاڪا شاپنگ سينٽر وٽ، بس اسٽاپ تي موجود هوندس. توهان ڪوبه فڪر نــه ڪجو ۽ رهجو به اسان وٽ، توهان کي ڪائي تڪليف نه ٿيندي، اصل هالا وارو ماحول ملندو.“

الطاف شيخ سان ڳالهائڻ بعد اسين ٻن ڏولن ۾ ويرهائجي پنڌ گهمڻ نڪتاسين جو موسم ڏاڍي جهڙالي ۽ وڻندڙ ٿي پئي هئي.

دنيا جا ملڪ گهمندي جنهن زمين تــي امــن ۽ سک جون ڪي گهڙيون گهارجن ٿيون ته ان هنڌ يا جاءِ سان نامعلوم اُنسيت ۽ پنهنجائپ پيدا ٿيو پئي. ان مهل اهو احساس نٿو رهي تــه اسين مخصوص حدن تائين ڪنهن ڌرتي يــا خطي سان وابسته آهيون.... ايئن لڳندو آهي، هي ساري دنيا... هي سموري ڌرتي اسان لاءِ آهي.... اسانجي آهي.... اسين هــن جا وارث آهيون.... اسين رنگ ۽ نسلن، ذات پات ۽ زبانن کان مٿي.... گهڻو مٿي؛ پيدائشي طور آزاد انسان آهيون.... حدن جون وندڙون ورچون ته انسانن جون ٺاهيل آهن. ڪنهن هڪ ملڪ جي هڪ صوبي يا شهر ۾ رهندي به ته ان ملڪ جي ٻين صوبن کي پنهنجو ڪوئي سگهجي ٿو، ته دنيا جي سموري ڌرتيءَ کي پنهنجو چوڻ جو حق ڇو نٿو ملي؟ قدرت تــه ان لاءِ ڪي به حدون ناهن رکيون. هٿرادو مقرر ڪيل حدن جي منافقتن جو ڇا ڇئجي.... ملڪ ثابت ته پنهنجو، ان تان جان نثار تــه ساهه صدقو.... انچ انچ جــي حفاظت لاءِ رت وهائڻ لاءِ تيار. ساڳيوئي ملڪ جڏهن ڌڪر ٿيو وڃي ته پرايو ليکبو آهي....

هٿ لوڏي پاڻ ڏي متوجه ڪيو.

جيئن ئي هيٺ لٿاسين ته هو اڳتي وڌي وڌي سڪ مان سيني سان اچي مليو.

الطاف جي ڊيٽسن ۾ اسين پنج ڀاتي ۽ ڇهون الطاف ته جيئن تيئن پورا ٿي وڃون ها، پر شفيع ۽ سندس پٽ لاءِ ڇت تي ويهي هلڻ ڪانسواءِ ڪا واٽ نه هئي. ان ڳالهه مسئلو پيدا ڪري ڇڏيو. الطاف ٻڌايو ته هن پاسي ڪا ٽيڪسي به نه ملندي آهي، ڪيس شفيع ۽ سندس پٽ جي اچڻ جي خبر هجي ها ته هو ڪار بدران وين کڻي اچي ها، ان مسئلي جو حل اهو ئي سُجهي سگهيس ته هو اسان مان ھڪڙن کي گهر ڇڏي، وري ٻين کي وٺڻ اچي. پر اها ڳالهه الطاف سان زيادتي به هئي ته اجائي اچ وڃ ۾ وقت به وڃائڻو هو. اهو به ڪنهن طرح مناسب نٿي لڳو ته شفيع کي ڇڏي اسين سيئي هليا وڃون، تنهنڪري محبوب اسان کي الطاف سان گڏ موڪلي، ۽ مقرر ٽائيم تي اچڻ جو چئي، پاڻ شفيع سوڌو ملاڪا شهر Explore ڪرڻ نڪري پيو.

الطاف سڄي واٽ مزيدار ڳالهيون ڪندو هليو. پاڪستاني ايڪٽرن جو ذڪر نڪتو ته چوڻ لڳو، "اسان وٽ آڳريءَ تي ڳڻڻ جيترا هيرا ۽ هيروئنون آهن. اسان ٻارن ٻچن وارا ٿي ويا آهيون، پر محمد علي اڃان سوڌو ڪاليج مان ٻانهون لوڏي ڊڪندو ايندو ته 'آمي امي مين پاس هو گيا هون.'"

الطاف پوين جملو ڪجهه اهڙيءَ ريت ادا ڪيو جو ڪار ۾ ٺهڪڙو مچي ويو. ان بعد وري مون سندس ڌيان شميم آرا ڏي ڇڪايو، جنهن لاءِ هن پنهنجي ڪنهن سفرنامي ۾ ڪيس ڪريءَ سان مشابهت رکندڙ فنڪاره ڪوٺيو هو، تڏهن اهو پڙهي مون کي سخت عجب سان گڏ بيحد خوشي به ٿي هئي ته ڪير مون وانگر Funny سوچون به رکي ٿو، نه ته مان ان خوشفهميءَ ۾ مبتلا هئس ته جيڪا سوچ مون کي شميم آرا جي باري ۾ آئي؛ اهڙي ڪنهن کي به نه آئي هوندي، بهرحال ان جو مطلب اهو ناهي ته شميم آرا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

اسان لاءِ بس ۾ جاءِ ورتي. ُهن بس جي عملي کي ايڏا ته دهمان ڏنا ۽ رعب تاب ڏيکاريا، جو اسانکي ست سيٽون واه جو ملي ويون.

ساڍي ستين بجي بس رواني ٿي، الطاف ۽ مستوران جهڙن سڪ پرين سڄڻ کان هلندڙ بس جي دريءَ مان، ايستائين هٿ لوڏي لوڏي الوداع ڪندا رهياسين جيستائين هو اسانجي نظرن کان اوجهل نه ٿي ويا.

پاٽ اونداڻيءَ ۾ اسان واري بس نهايت تيزيءَ سان ٿي هلي سڄي واٽ ساهه چڙ ته مٽ ۾ هو، جڏهن ته شفيع ۽ محبوب سونهري گلدستي مان بيدا پٽي ڪاٺڻ ۾ مگن هئا. رات جو ساڍي ڏهين بجي خيرن سان بس اچي ڪولالمپور پهتي ته اسان به سامت جو ساهه کنيو.

سفر جا ڏينهن هڪ هڪ ٿي هٿن مان کسڪندا پي ويا، هر پيو پل خواب، ياد ۽ ماضيءَ جو روپ ڌاريندي اکين کان دور ٿيندو پي ويو.... اهڙي ريت زندگيءَ جي مختلف دورن مان گذرندي اسين به هڪ ٻئي کان.... پنهنجو پاڻ کان وڇڙندا رهون ٿا.... رڳو پنهنجي ذات جو زنده وجود؛ ان وڇوڙي کي محسوس ٿيڻ نٿو ڏي.

مليشيا ۾ اڄ اسانجو آخري ڏينهن هو.... رات جو ساڍي ١٠ بجي ڪولمبو لاءِ فلائيٽ رواني ٿي، جنهن ٻارهن بجي آئي ڪولمبو جي ڪاتوناڪي ائرپورٽ تي رسايو؛ جتي اَن مهل اجان ڏهه ٿيا هئا. رهائش جو انتظام ائرلنڪا جي ئي ٻلي هو جن جي وين اسانکي بلو ليگن Blue legon هوٽل ڏي وٺي هلي، جيڪا الائي ڪهڙي اوڙاهه ۾ هئي جو رستو ئي نٽي کٽو. بيگاهه وقت ان اونداڻيءَ ۾ سمورو رستو هيڪاندو سنسان ۽ ٻڙيانگ ٿي لڳو. پاڪستان مان اچڻ مهل ته پنهنجي منهن وچ شهر واري هوٽل ۾ رهياسين، پر هيئر ته ڳالهه ئي ٻي هئي.

مس وڃي ڪو 'بلو ليگن' جو نشان لڌو، رات جي سناٽي ۾ سموري ڪاٺونٽر تي ڪڪڙوڪون لڳي پئي هئي، مينهن سببان هڙئي لائٽون به بند، اوندهه اهڙي جو 'اک نه ڏسي گوڏو'. رهائش وارا سيئي ڪمرا سنسان پيا هئا، اِن ُسچ ۾ ڪنهن بني بشر جو

رهيو جڏهن تہ مان سڄي رات جاڳندي رهيس.

سڄ اڃان پوريءَ ريت اڀريو ئي نہ هو جو ڊرڪولي ٻاهر باغ ۾ اچي ويٺس، جتي ڪلي هوا ۾ مس وڃي فرحت جو ساهہ کڻڻ نصيب ٿيو. هندي وڏي سمنڊ جي ڪناري سان لڳ، ان باغ ۾ ڪيترائي ناريل جا وڻ ۽ پينگهون هيون تہ هڪ پياري ننڍڙي پولڙي بہ هئي، جنهن جو ڪو ڌڻي سائين نہ هو، ويچاري ننڍڙڪي ٿيو هيڏي ساري ٻاغ ۾ اڪيلي پڃري ۾ بانديائي ٿيو پئي هئي. لڳو پي تہ ڪنهن سندس سٺي طرح سار ٿي نٿي لڌي، جو نہ هنس پاڻي نہ ڪا ڪاڌ خوراڪ. نيرن سان گڏ اسانکي جيڪي پپيتا وغيره مليا، تن مان ٻہ ٽي ڦارون ٻارن ڏنس، تڏهن ڪو وڃي ويچاريءَ کي منهن پاڻي پيو ۽ ڏند شيڪڻ جهڙي ٿي.

نيرن پاڻيءَ کان واندا ٿي، چوڌريءَ سميت سمنڊ ڪناري اچي ويٺاسين ۽ اتي ئي ڪافي دير ويڊيو گرافي بہ ٿيندي رهي. ٽيڪسيءَ کي اڳ ئي چيل هو، جيڪا چاڻايل وقت موجب اسان کي شهر ڏي وٺي هلڻ لاءِ اچي پهتي. جيئن تہ شفيع کي سفر جي ٿڪاوٽ سبب مٿي ۾ سور ٿي پيو، تنهن ڪري هو تہ وڃي ڪمري ۾ آرامي ٿيو ۽ اسين سندس پٺ ساڻ ڪري، ڪولمبو گهمڻ نڪتاسين.

هتي جي اُس اهڙي تہ غضبناڪ هئي جو ٽيڪسيءَ ۾ ويٺل هوندي بہ سڄ جي تپش منهن لوسائي ڇڏيا. محبوب ڪولڊ ڊرنڪ پيارڻ لاءِ ڊرائيور کي چيو تہ ڪنهن ويجهي هوٽل يا دڪان تي هلي گاڏي جهلي، پر ڊرائيور اهڙو ڪو اعلي ذوق وارو هو جو آخري ڏينهن تي اسانجا لاهہ ڪيڻ لاءِ گاڏي آڻي Holiday Inn تي بيهاريائين، جتي آئيس ڪريم ۽ جوز ڇُڪي پويان راهہ گناه جا سوين خرچ ڪري ٻاهر اڃان نڪتاسين مس، تہ ساڙيندڙ اُس ۾ وري اچي آڃ ورايو. پر ان کي ڪا اهميت نہ ڏيندي Zoo ڏي روانا ٿياسين. موسم ان مهل نهايت دلفريب ٿي پئي جڏهن اوچتو ئي اوچتو مينهن ڪڻيون پوڻ شروع ٿيون. هوٽل Blue legon تان

پاسي ڏرن ڏنو، جنهنڪري هڪ سائيڪل سوار ڪار سان ٽڪرجي سائيڪل سوڏو اچي هيٺ ڪريو. ان حادثي تي پرپاسي بيٺل ماڻهو ٽيڪسي ڊرائيور کي ورائي ويا ته غريب جو نقصان پري ڏي، گهڙي ڪن جي گيهه گيهان ڪانپوءِ هُن سائيڪل واري کي 'رهڙجڻ' جا پئسا ڏيئي پنهنجي جند ڇڏائي ۽ پيلي منهن سان آئي اسانکي بلو- ليڪن پيڙو ڪيو، جتي شفيع اسانجو منتظر هو.

شام جو ائرلنڪا جي وين ۾ ائرپورٽ تي اچي پنهنجي فلائيٽ جو انتظار ڪرڻ لڳاسين، جيڪا اسانکي پنهنجي اسلامي جمهوريه پاڪستان ڏي وٺي وڃڻي هئي، جتي اغوا، ڌاڙا، ڪرفيو، خوف، هراس، خونريزيون، بدعنوانيون ۽ بمن جا ڌماڪا اسان جا منتظر هئا. ●

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner



ماهتاب ۽ محبوب ڪوالالمپور

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner



مرشد، زمر، ماهتاب ۽ محبوب باٽو ڪيوز جي ٻاهران

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# 88

(سنگاپور، ملیشیا، ٿائيلينڊ، هانگ ڪانگ، چائنا ۽ سري لنڪا)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

تي آئي رسائيندي. ايم-آر-ٽي سروس شروع ٿيڻ جي پلياننگ ١٩٧٠ کان هئي، جڏهن ته گورنمنٽ ان کي ١٩٨٣ع ۾ ماڻهن جي سهوليت لاءِ منظور ڪيو؛ ١٩٩٠ تائين اُميد ٿي ڪجي ته ان جو چار سورين مکيه اسٽيشنن تائين پکڙجي ويندو.

٣١ جولائي تي اسانکي اها نواڻ ماڻڻ سان گڏ، سنگاپور جي دوري تي آيل برطانيه جي وزيراعظم مسز ٿيچر جو به ديدار نصيب ٿيو، جيڪا اعليٰ عملدارن سميت M.R.T جو معائنو ڪرڻ آئي هئي، جا ته گريس فل شخصيت جي مالڪ هئي. موتين جي جويلريءَ ۾ پاڻ به جرڪي پئي. فوٽو ڏسڻ سان مڙئي جهوني ٿي جي لڳندي آهي، پر اصل ۾ واه جي ڪڙي تڙي زال ٿي لڳي. هن آرچرڊ روڊ تان ساڳي ٽرين ۾ اسان سان گڏجي اهو سفر ڪيو، سيني پيسينجرن کي پنهنجي مٺڙ مرڪ سان آڌرياءُ جو جواب ڏيندي، ايم-آر-ٽي سروس کي ساراهيندي چيائين،

”سنگاپور جي ايم-آر-ٽي دنيا جي بهترين سروسن مان هڪ آهي.“

سنگاپور جي سرڪار اڄڪلهه نهايت تيزيءَ سان عمارت-سازيءَ جي ڪم ۾ رڌل آهي. زبون عمارتن کي ڊاهي، جتي نت نوان ڪامپليڪس، رهائشي منصوبا، رستا ۽ شاهراهون تيار ڪيون پيون وڃن؛ اُتي پراڻين تاريخي جاين کي به ڦٽ محفوظ ۽ رينوويٽ ڪرڻ جا مڪمل آپاءُ ورتا پيا وڃن، جيئن ايندڙ پيڙهين کي انهن جي اهميت جي خبر پئجي سگهي. اسان جيان نه، جو حيدرآباد جي قلعي جهڙين تاريخي جاين کي ننڌڪو ڇڏي ۽ برباد ڪري اُتي رهائشي جايون جوڙي، ڪٽڪ آباد ڪجن، جيڪي وري اهڙا نئون جو قلعي جون ديوارون مٽائن ڪرڻ جي باوجود به، قلعي جي پچر ئي نٿا ڇڏين. سنگاپور جون اصلوڪيون ڪاراڻيل جايون جيڪي ُجهري ڍير ٿي رهيون آهن، سرڪار انهن کي ٻيهر نئون رنگ روپ ڏيڻ جي تيارين ۾ مشغول آهي. سن ١٩٦٣ ۾ اهو ملڪ ڪيڏو نه پڙپانگ هو، اها سموري حقيقت T.V تان ڊاڪيومينٽري فلم

خراب ٿي چڪيون آهن، ٻيو ھجي يـا ٻار، جوان توڙي اڌڙوٽ، جنهن کي ڏس ته اکين تي ڪوپا چاڙهيو ويٺو هوندو. ايئن ڪٿي ڇنجي ته ڏهن ماڻهن پويان ايڪڙ ٻيڪڙ عينڪ بنا نظر آيا... تنهن ڏينهن ته بس ۾ سموري اسڪولي ٻارن کي عينڪن ۾ ڏسي ڏاڍي حيرت وٺي وئي. ايڏو ساوڪ ڀريو صاف سٿرو ملڪ پوءِ به سمجهه ۾ نه پئي آيو ته ايئن نيٺ ڇا ڪان ٿيو؟.... ڪنهن ٻڌايم ته اکين جي سائيز ننڍي هئڻ ڪري نظرون خراب ٿيون اٿن، پر اهو دليل مڃڻ جو ڳو نه لڳو، ڇو جو ٻه سال اڳ جڏهن اِتي آئي هئس تڏهن وري ڪهڙيون ٿنئورن جيڏيون اکيون هئن، هينئر هڪدم ايـڏي تبديلي ڪيئن آئي!؟.... منهنجي خيال ۾ ته T.V وغيره گهڻو ڏسڻ ڪري يا پوءِ دنيا ۾ جيڪي ائٽمي تجربا ٿيا آهن، ممڪن آهـي انهن جـو ڪو اثر هجي....

سنگاپور ۾ فيشن ۽ هـار سينگار ته اڳي به گهٽئي هئا ۽ هاڻ بـه ان ۾ جدت ڀريا ۽ نت نوان اضافا ٿيا آهـن، ايتري قدر جـو ڇوڪرن بـه ڪلئي عام ٻـانهن ۾ ڇوڙا ڪـڙا، ڪنن ۾ ٽاپس ۽ واليون وغيره پائڻ شروع ڪري ڏنا آهن، پوءِ به اڳ جي ڀيٽ ۾ ڇوڪرين ۽ عورتن کي اڻ لکو ميڪ اپ ٿيل هو، ڪن کي ته بنهه ڪونه هو. ٻي ڳالهه جا مون خاص طور سان نوٽ ڪئي؛ سا هيءَ تـه اتي جا ماڻهو بيپروائي مـان وات ڦاڙي اوٻاسي ڏيڻ جـا عادي آهن. مک وغيره وڃڻ جـو تـه ڪٿي اِن پاسي ڪو آلڪو نـاهي، البت ڇاڙهي لهڻ جا امڪان رد نٿا ڪري سگهجن.

هن ڀيري مليشيا وڃڻ جـو ڪو ارادو نـه هو، تنهنڪري سنگاپور مان ئي الطاف شيخ کي خط ذريعي حال احوال ڏنم. موٽ ۾ هن فون ڪري ڏاڍي سڪ مـان اسانکي پنهنجي گهر اچي رهڻ جي دعوت ڏنـي ۽ ٻڌايو تـه تنوير عباسيءَ جو ڀاءُ ارشاد علي بـه اڄڪلهه مليشيا ۾ ئي آهـي، جنهن سان سندس ملاقاتون ٿينديون رهنديون آهن. اسان ڪيس اچڻ جي پڪ ته نه ڏني پر ڇيو ته اهڙي ڪوشش سا ضرور ڪبي. نيٺ ٻن ڇئن ڏينهن لاءِ ڪولالمپور جو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڏهن ڪلاڪن جي انهيءَ ڊگهي مسافري دوران، ٻيهرن جي ماني ۽ شام جي چانهن لاءِ بس بيٺي، ته مون دڪان تان ٽريول سڪنيس Travel Sickness دور ڪرڻ واري سونگهڻي وٺي طبيعت جائي ڪئي.

ان پاسي سونگهڻين جو استعمال آفيس ويندڙ عورتن، مردن، شاگردن ۽ ٽئڪسي ڊرائيورن کان علاوه بس اسٽاپ تي بيٺل ۽ دڪانن ۾ ڪم ڪندڙ ماڻهن ۾ ڏاڍو عام آهي. جنهن سان ٽريول سڪنيس کان علاوه زڪام، مٿي جي سور، روح جي ڦيري وغيره کي دور ڪرڻ ۾ گهڻي مدد ملي ٿي. هتي ڊاڪٽر جي نسخي بنا ڪنهن به دوا جي وڪري جي اجازت ناهي. پر سونگهڻين ۾ ڪم آندل تيل جيئن ته بنهه بي‌ضرر آهن، تنهنڪري انهن جي کلئي عام وڪري تي ڪا بندش ناهي. ان مان ظاهر آهي ته هتي جي حڪومت کي پنهنجي ماڻهن جي صحت ۽ زندگيءَ جو ڪيڏو نه خيال رهي ٿو. جڏهن ته اسان وٽ دوائن جي سلسلي ۾ اهڙي ڪا جهل پل ڪانهي. جنهن جي نتيجي ۾ ماڻهو ذري‌ءَ پرذي‌ءَ تي دوائن گورين کائڻ جا عادي بڻجي پيا آهن ۽ منجهن بيماريءَ جي مقابلي لاءِ ريزسٽنس پاور ڏينهون ڏينهن گهٽبو پيو وڃي. جڏهن ته اهي دوائون به ڪي اصلي نه هونديون آهن، اسان وٽ موت مار نقلي دوائن، هيروئن، چرس، گانجي ۽ ٻين نشو ڏياريندڙ شين جو استعمال ايڏو ته عام جام ٿي پيو آهي جو هڪ سموري پيڙهي، تباهيءَ جي ڪنڌيءَ تي اچي بيٺي آهي.

ڪوالالمپور جي هوٽل 'چيمپئن' تي هڪ ڏينهن گذارڻ ۽ شهر گهمڻ ڪانپوءِ، محبوب واپسيءَ لاءِ ريل جي بڪنگ به ڪرائي ڇڏي ۽ چيو ته ان ۾ بس جيان لاهين چاڙهين جي خبر نه پوندي ۽ سفر به سولو ٿيندو.

الطاف جو فون نمبر نه هئڻ ڪري ساڻس ڪانٽيڪٽ نه ٿي سگهيو، ارشاد جيئن ته پاڪستان ايمبيسيءَ ۾ هو، انڪري سندس نمبر سولائي سان ملي ويو. هوٽل تي رهڻ جو ٻڌي هو ناراض

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪاٺوڻي ناهي. سندن ٻه پٽ سارنگ، اعظم ۽ ڌيءُ پريات ڏاڍا پيارا ۽ سياڻا ٻار آهن. هيڪاندي ذهانت ۽ تيزفهميءَ جي قدرتي ڏات، ان خاندان کي ڄڻ ورثي ۾ ملي آهي. سندن خوبصورت گهر، سنڌ جي نفيس شين سان سينگاريل هو. ديوار جي هڪ پاسي الطاف شيخ جي پينٽنگ به ٽنگيل هئي، جنهن ڊرائينگ روم جي سونهن کي اڃا به وڌائي ڇڏيو.

ارشاد فون نمبر ملائي، الطاف شيخ سان ڳالهرايو، جيڪو ڊيوٽيءَ تي هٿڻ ڪري اُتان ڇُري به نٿي سگهيو. ارشاد کي چيائين ته اسانکي ملاڪا وٺي اچي. ارشاد ڀيريائين ته اسانکي وٺي هلڻ لاءِ خوشيءَ سان راضي ٿيو. پر پوءِ ضد ٻڌي الطاف کي چوڻ لڳو، ’ڀيريائين تون اچ.‘ ان اجائي ضد ۾ نه الطاف اچي سگهيو؛ نه اسين اوڏانهن وڃي سگهياسين. پوءِ ته اِهي ٻه ڏينهن به ڄڻ اک ڇنڀ ۾ گذري ويا. ان وچ ۾ ارشاد پنهنجي دوست اسرار شاهه ۽ سندس گهر-واريءَ سان ملايو؛ ته راڻيءَ وري ٻارڻ ٻچين ۾ ٽيڪسيون ڀرائي، شاپنگ سينٽر ۽ نائيٽ مارڪيٽن جا سير ڪرايا. راڻي، جيڪا ڏسڻ ۾ ارم کان به مختصر آهي، تنهن جي اڳواڻيءَ ۾ رستي پنڌ هلندي ايئن پئي لڳو ڄڻ مان اڪيلي زال، راڻيءَ سوڌو ستن ٻارن جي ڇانگ وٺي گهمڻ نڪتي هجان.

سڪ ۽ پيار سان ڀرپور راڻي بظاهر ڏاڍي سنهڙي سيپڪڙي، پر نهايت سياڻي ۽ سگهڙ زال آهي. ٻارن کي اسڪول ۽ ارشاد کي آفيس اُماڻي، پاڻ اڪيلي سر سڄو گهر پئي سنڀاليندي آهي. ڪم ڪار ۾ مدد لاءِ هڪ ملئي عورت به وٽس پارٽ ٽائيم ڪم ڪندي آهي. هتي فل ٽائيم نوڪر ڏاڍا ڏکيا ملن ٿا. ارشاد هڪ اهڙي نوڪر جي تلاش ۾ هو جيڪو فل ٽائيم وٽس رهي. هن اهڙي ماڻهو ڳولهي ڏيڻ جي اسان کي به گهڻي تاڪيد ڪئي، پر ڪيس ڪهڙي خبر ته پاڪستان ۾ به هاڻ نوڪرن جا وڏا نخرا ٿي پيا آهن. ليي ته ڪيي ڪونه، ڪپي ته ليي ڪونه وارو حال آهي. اهڙا جي سولائي سان ملن ها؛ ته پوءِ اسان وٽ به مهيني ۾ ڏهه مائِي نه بدلجن ها. نوڪرن جا آزار ڏسي دل چوندي آهي ته ڪاش ملڪ سان خدمتگار رکڻ

مختلف يونيفارم پهريل هئا، ڏاڍيون سمارٽ ۽ ڪاٺيون ملئيون هيون ته پنهنجي ڪم ڪار ۾ ٻرگهٽيون ڦرتيليون ٿي ڏٺيون. جهاز ۾ ويهڻ شرط سيني عورتن کي، خوبصورتيءَ سان سجيل ٿائيليـنڊ جو قومي گل آڻي ڏنائون.

جون کان سيپٽمبر تائين چؤماسي جي موسم هئڻ ڪري؛ ان پاسي سخت برساتون پونديون آهن، جنهنڪري نه رڳو فلائٽون ڪلاڪن جا ڪلاڪ ليٽ ٿيو پوون، پر جهازن سان ٻه اڪثر خطرناڪ حادثا پيش ايندا رهندا آهن. شڪر جو ٿائي ايئرلائين وارو سفر خوشگوار گذريو ۽ سندن ‘Smooth as Silk’ واري دعوي سئو سيڪڙو دل کي لڳي، جو مينهن وسندي به ڪو لهر لوڏو محسوس ئي نه ٿيو.

اسان جي واچن ۾ سنگاپور جي ٽائيم موجب ڏينهن جا ٽي ٿيا هئا، جڏهن ته ٿائي ٽائيم موجب جهاز ٻين وڳي ڌاري ’بينڪاڪ انٽرنيشنل ايئر پورٽ‘ تي لينڊ ڪيو. ايئر پورٽ ايڏو متاثر ڪندڙ ڪٿي نه هو؛ باقي صاف سٿرو سو ضرور هو. مقامي ماڻهن جا مهاندا مليشيا ۽ سنگاپور جي چينين کان ڪجهه مختلف هئا. اميگريشن ۽ ڪسٽم واري عملي سامان چيڪ ڪرڻ جي معاملي ۾ ڪا گيسر نه ڪئي.

ايئر پورٽ کان ٻاهر آياسين ته ٻه ٽي ٽيڪسي ڊرائيور پاڻمرادو ڊڪندا آيا ۽ شهر وٺي هلڻ لاءِ ساڏن ٽن سئو ڀاتن جي گهر ڪيائون، پر جيئن ته محبوب ست اٺ ڀيرا بينڪاڪ گهمي چڪو آهي، تنهنڪري کيس هر ڳالهه جي چڱي ڄاڻ هئي ۽ هن هڪ ٽيڪسيءَ واري کي ڏيڍ سئو ڀاٽن ۾ شهر وٺي هلڻ لاءِ راضي ڪري ورتو. ٽيڪسيءَ ۾ ميٽر لڳائڻ جو ته اِت رواج ئي ناهي، هر ڊرائيور پنهنجي مرضيءَ سان پيو اگهه مقرر ڪندو.

ايئر پورٽ کان ’هوٽل ايشيا‘ تائين پهچڻ ۾ اٽڪل سوا ٻه ڪلاڪ لڳا؛ جنهن جو ڪارڻ ٽريفڪ هئي. سوچيم، آچر ڏينهن به ٽريفڪ جو اهو حال هو ته عام ڏينهن ۾ الائي ڇا هوندو.... تيز

پيٽ ۾ سنگاپور جو شهر 'تورا ٻار خوشحال گهرائو' جي مثال جيان مينٽينينس ۾ ماهر لڳو پيو آهي؛ نه صفائي سٿرائي ۾ ٻه سائنس ڪنهن جي پڇڻ جي جاءِ ناهي. پنهنجي سانتيڪي ۽ پرسڪون ماحول سببان هر طرح سان 'ڪوزي ڪارنر' پيو لڳندو. جتي قاعدن قانونن ۽ اصولن جي پيروي ڪندي سمورا شهري، ملڪ کي جهان لاءِ جنت جو نمونو بڻايو ويٺا آهن.

ٿائي ٻولي اتي جي مادري ۽ قومي ٻولي آهي. جنهنڪري ٿائي قوم وٽ ان جو وڏو قدر ۽ اهميت آهي. رسڪا هجن يا سائن بورڊ، دڪان هجن يا خريداريءَ جا سامان؛ مطلب ته هر هنڌ ٿائي ٻولي لکيل نظر ايندي. ورلي ڪو انگريزي بورڊ اکئين چڙهندو، تنهنڪري ڪميونيڪيشن جو وڏو مسئلو پيدا ٿيو پئي. ذهن ماٿهن مان ڪو ايڪڙ ٻيڪڙ اهڙو هو جنهن 'انڊن ملتان گولي لڊو' واري چوائيءَ جيان، 'ڏکي ٽي' ڪو اکر سمجهي ٿائي ۾ ٽي جواب ٿي ڏنو. سوچيم، انگريزن جو ته اِتي اچي واه جو محشر رلندو هوندو. پر ٻه اهڙا جام فارينرس بينڪاڪ ۾ نظر آيا جيڪي ويچارا ٽوئرسٽ ڪمپنين جي هٿ چڙهي، جڏي انگريزي ڳالهائيندڙ گائيڊن پويان چيلي جيان لڳا ٿي هليا. اهو حال هوندي به بينڪاڪ ۾ هر روز ستر هزار ٽوئرسٽ ايندا آهن.

ٻاهرين ملڪن ۾؛ جتي الائي ڪٿان ڪٿان جا مرد ۽ عورتون ٿا اچي گڏ ٿين، آنهن مان مغربي ملڪن جا ماڻهو پنهنجي بيمثال سونهن سببان پريان ڏي پيا پڌرا لڳندا، عورتون ته عورتون مردن جا مهانڊا به قدرت جي ڪاريگريءَ جو شاهڪار هوندا آهن. هونءَ به سونهن لاءِ هر ڪنهن جا مختلف نظريا آهن، پر اڪثريت جو اهو خيال آهي تہ اِها مشرقي چهرن ۾ سيني ڪان سرس آهي. ان ۾ ڪو شڪ ناهي تہ مشرقي مهانڊا نيمڪ پريا ۽ خوبصورت آهن؛ پر مان سمجهان ٿي ته سونهن اها چٽبي جا ڀرين نهار ۾ ڏي ڀرپور ۽ مجموعي تاثر ڇڏي. ان سلسلي ۾ يقيناً خدا مغرب وارن تي گهڻي عنايت ڪئي آهي. ڪهڙي خبر ته آخرت ۾ 'نيڪ مردن'

جـي وندر لاءِ جنت ۾ ٽينڊز ’حور ڪامپيٽيشن‘ ۾ مغرب جـون حورون ٿي سليڪٽ ڪيون وڃن.

هانگ ڪانگ لاءِ ٽڪيٽ ڪنفرم ڪرائڻ ڪانپوءِ محبوب اهو سارو ڏينهن اسانکي بينڪاڪ جي شاپنگ سينٽرن تي خريداري ڪرائڻ وٺي هليو. جن مان سينٽرل شاپنگ ڪامپليڪس تمام وڏو ۽ امريڪي شاپنگ سينٽرن جي طرز تي ٺهيل آهي. محبوب ٻڌايو هتي ته بينڪاڪ تي امريڪا جو چڱو اثر آهي.

خريداري جي معروف مرڪز ’اندرا مارڪيٽ‘ جو شاپنگ سينٽر ڏسڻ سان ٿي اندازو پئي ٿيو، ته فيشن ۽ ڊزائينگ جي معاملي ۾ بينڪاڪ ڪنهن به ملڪ کان پٺتي ناهي. اتي جا فيشن مئگزين؛ پاڪستان کان ويندي سڄي دنيا ۾ مشهور آهن. ريڊي ميڊ ڪپڙن جي ته ايڏي ويرائٽي آهي، جو ماڻهو منجهي پوندو ته ڪهڙو وٺي ڪهڙو ڇڏي. سنگاپور وارا به گهڻو ڪري اتان ٿي ماڊرن ڊريسون امپورٽ ڪندا آهن.

اسانجا ڪجل، مينديون - مساگ ته گهڻو اڳ ٻاهرين ملڪن ۾ پهچي چڪا آهـن، داڻي زري ستارن ۽ موتين جي ڪسر هئي، سي به ان عوج کي اچي رسيا آهن جـو چوڏاري جهرمر لائي ڏني اٿن. عام چاپي واريون گنجيون ۽ ٽي- شرٽس به رنگ برنگي ستارن سان سينگاريل هونديون ته ڦِتل جينزون، جيڪٽ، اِسڪرٽون به ستارن موتين سان پيون جرڪنديون.

شاپنگ ڪامپليڪسن جي جـدا جـدا ڪائونٽرن تي بيٺل سهڻيون- سمارٽ سيلزگرلز، آن مهل بنهه ’يوڪ ۽ ’بوز ٿي لڳيون جڏهن ڪين Come-go-yes-no جهڙي انگريزي به نٿي آئي. ڪاڏي جي شين واري ڪائونٽر تـي وچي پيٽيز يا برگر لاءِ پڇا ڪبي ته اهو ’ويجيٽيبل‘ جـو آهي يـا ’فش‘ وغيره جو تـه بـه نـه سمجهي سگهنديون، آٿلندو ’بوڙو ـ ڪلي ۽ پيرا‘ چوائي، منهن ۾ نهاري ڏند شيڪيو پيون کلنديون.... تنهن ڏينهن هڪ سينٽر تي چانديءَ جا ايئرنگ ڏسي، پڇي پڪ ڪرڻ ٿي چاهيم ته اصلي آهن يا نقلي؟ پر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

اها نندڙي ڳالهه بہ ڪين سمجهہ ۾ نہ آئي. لاچار 'بابو انگلش' واري آخري سيڙهيءَ تي لهي آيس تہ جيئن ڪو جواب سُجهي سگهين، پر تڏهن بہ ڪين Pure silver ۽ Amitaton جو مطلب سمجهہ ۾ نہ آيو. ٻنهي لفظن تي ٺلهو مشڪندي هاڻوڪار مان ڪنڌ تي لوڏيائون. نيٺ ايئرنگن جي ڇپر ئي ڪٽي ڇڏيم.

بينڪاڪ ۾ بلڊنگن جو رنگ گهڻو ڪري سليٽي يا ميٽائي هو؛ گيٽ بہ سليٽي ۽ ڪارا ... پاڪستاني بنگلن ۽ فليٽن جيان نہ، جن تي ڪيڪ پيسٽري جهڙي رنگن جي هيڪاندي ٿڦ هوندي آهي. جيئن تہ ان پاسي مينهن گهڻو وسي، تنهنڪري مليشيا ۽ سنگاپور جيان گهرن جون ڇتيون آپريل نموني هيٺاهينءَ تي ٺهيل هيون. ٻاهرين شو بازيءَ کان آجي؛ اِنهن گريس فل بنگلن ۽ فليٽن جي اندروني جوڙ جڪ ۽ ڊيڪوريشن نهايت نفيس ۽ سهڻي هوندي آهي.

ٿائي ماڻهن بابت ڇاڻ پڙهندي خبر پئي تہ اهي مزاج جا ڏاڍا تيز آهن. ڪير جي ساڻن جهيڙو ڪندو يا ٺڪائيءَ مان ڳالهائيندو، تہ ان جا لاهہ ڪڍڻ ۾ دير نہ ڪندا ... پر ساڳي ئي وقت هو رحم دل بہ ايڏا آهن جو وڏي ۾ وڏو ڏوهہ ڪري، ڪاڻ معافي گهربي تہ فراخدليءَ سان بخشي ڇڏيندا. بهرحال مونکي تہ پنهنجي ذاتي مشاهدي موجب ٿائي ماڻهو نهايت نماڻا ۽ ٻاجهارا لڳا. ملئي ماڻهن جيان انهن جي بہ مٺاڻ سان خاص دل آهي شايد تہ انڪري پاڻ بہ مزاج جا بيحد مٺا ۽ قرباڻتا آهن.

ٿائيليند جي وڏن سينٽرن ۾ تہ نہ؛ البت ڪليل مارڪيٽن ۾ بارگيننگ جو مزو ئي نرالو آهي. پرس، جوتا، سينڊل اتي ڪافي سستا، سٺا ۽ ڪواٽيءَ وارا ملندا آهن، اسان تہ هاڻ گهڻو ڪري اتان جا ئي بوٽ، سينڊل استعمال ڪريون. شاپنگ سينٽرن تي جيڪا شئي ٽيٽي يا ڇوٽي اگهہ تي ملي ٿي؛ سا ٻاهر اوتري ئي سستي آهي. ٻوءِ بہ قيمتن تي نہ ٺهندي؛ ڪير جي منهن ڦيري اڳتي وڌڻ جي ڪندو، تہ ڪيس ڪلهي يا ٻانهن کان ڇڪي ڏادي

ايلازن منٽن سان واپس وڃي ايندا ۽ ان ئي اگهه تي شئي ڏيندا جيڪو خريدار چوندن.

ٿائيلينڊ جو هڪ ٿائي ڀات، پاڪستاني پنجهتر پئسن جي برابر آهي. خوشي ٿي ته ڪو اهڙو ملڪ به آهي، جتي جي ڪرنسيءَ جو اگهه اسانجي رپئي کان ذرو ئي سهي پر گهٽ آهي. نه ته ٻين ملڪن جي ڪرنسيءَ آڏو اسان جي رپئي جي ته هستي مليا ميٽ ٿيو وڃي.

ٿائيلينڊ جو بنيادي مذهب ٻڌ ڌرم هئڻ ڪري هتي جي 95 فيصد آباديءَ جو تعلق به ان ئي ڌرم سان آهي. جڏهن ته باقي 4.05 فيصد رهاڪو مسلمان ۽ 0.06 فيصد ڪرسچن آهن.

هتي ٻاهرين ملڪن کان غيرقانوني طور تي به هزارين ماڻهو اچيو رهن، جن کان ڪير پڇڻ ڳاڇڻ وارو ئي ناهي.

بينڪاڪ جو سير ڪندي انڊيا مارڪيٽ وڃي نڪتاسين، جتي سائيلينسر نڪتل موٽر سائيڪلن، ڊيزل تي هلندڙ گاڏين ۽ ٽڪ ٽڪن جي بي انتها شور، ايڏي، ته عجيب گهٻراهٽ ۽ ٽينشن واري ڪيفيت پيدا ڪري ڇڏي، جو جاڳ ته جاڳ ننڊ ۾ به ايڏو ته اثر پيو جو عقل ئي چرخ تي ويو. ڪڏهن لڳندو هو ڦيتا لڳل اسٽيئرنگ وارو پلنگ، رستي تي ٻين گاڏين سان گڏ ريس پڄائيندو پيو وڃي ۽ مان پاڻ سان گڏ ويٺل ارم کي پيئي چوان ته وچ تي ٿي ويهه، ڪري نه پئين! وري ڪنهن مهل ڀئي سين ۾ ڏسان ته هڪ نئون ڊرائيور رکيو اٿم، جنهن جي مٿي تي ٽوپيءَ جي بدران ننڍڙي ڪار رِفڪس ٿيل هئي. جيڪو 'زون زون' ڪري هليو به ايئن ٿي چڻ 'ماڻهو ڪم موٽر' هجي!

صبح جو اُٿڻ شرط جڏهن اِهو ٽريفڪاٿو خواب محبوب کي ٻڌايم ته کلي چوڻ لڳو،

”پوءِ ڀلا هلون سنگاپور، جتي گاڏين جو هارن نه ٻڌي اوهانکي تشويش ٿي پئي هئي؛ ته ماڻهو گاڏين جو هارن چو نتا وڄائين. “

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

بينڪاڪ جنهنکي Golden Temples جو شهر بہ چيو ويندو آهي تنهن جون ڪي مکيہ جايون ڏسڻ جو پروگرام ٺاهي، تي سؤ ڀات ڏيئي، سڀ ڏينهن لاءِ هڪ ٽيڪسي ڪئي سين، جنهن صبح جو ٩ بجي Wat BenchamaBaphit ٽيمپل تي آڻي رسايو، جيڪو ماربل ٽيمپل جي نالي سان پڻ مشهور آهي. سمورو ٽيمپل عمارت سازيءَ جي خوبصورتيءَ جو شاهڪار هو. پوڄا پاٺ واري وڏي ۽ ڪشادي هال اندر، پلٿي هڻي ويهڻ واري خاص انداز ۾، ٻڌا جو سونو پاڻي چڙهيل شاهي مجسمو رکيل هو. سڄي هال ۾ ڳاڙها گلم غاليچا وڇايل هئا، هڪ پاسي هيرن موتين سان جڙيل ٻڌا جو يادگار سونو تخت بہ رکيو هو. ٻڌا جي عقيدت مندن جي عبادت جو انداز نهايت اثرائتو ۽ وڻندڙ تي لڳو. مجسمي جي سامهون واري ڍڪيءَ آڏو گوڏن ڀر ويهي؛ ٻئي هٿ ٻڌي پيشانيءَ ڏي آڻي، پوءِ ڪافي دير ان ڍڪيءَ تي ڪنڌ نوايو پيا هوندا هئا. ڪيترائي غيرملڪي ٽوئرسٽ پڻ ان ٽيمپل ۾ آيل هئا، جن ويڊيو ڪئميرا سان ٽيمپل جي خاص حصن جي فلم بندي ڪري، پنهنجي اندلٺ جهڙين يادگيرين کي محفوظ تي ڪيو.

'ماربل ٽيمپل' ۾ چڱي دير گهمڻ کانپوءِ Magic Land ڏسڻ لاءِ سؤ سؤ ڀاٽن جون پنج ٽڪيٽون وٺي، اندر داخل ٿياسين. 'ميجڪ لينڊ' تفريح لاءِ هڪ سٺي جاءِ آهي جنهن کي Mini Disney Land بہ چئي سگهجي ٿو. ننڍا ٻوڙي وڏا اتي اچي چڱو Enjoy ڪندا آهن.

'ميجڪ لينڊ' ۾ ايندي شرط مونکي بہ ڪٽي ڪٽيءَ ڪنيو جو محبوب جي زور پرڻ تي؛ ٻارن سان گڏ 'Rock'n Roll' واري رائيڊ جي گولي ۾ اچي ويٺس.

ڦيٽي جي طرز تي ٺهيل هر گولي جي اندر، آمون سامهون ٻہ سيٽون هيون، جن تي ويهڻ کانپوءِ جهاز واري 'سيٽ بيلٽ' کان بہ چوڻي پٽي سان پاڻ کي سوگهو ڪري، سامهون لڳل هينڊل کي جهلي ويهڻو پوندو آهي. اهڙا ڪيترائي گولا، گول چڪر جي فارم

Enjoyment جي نالي اهڙي تڪليف ده ۽ خطرناڪ رائيڊ مون اڳ ڪڏهن نه ڏٺي هئي. جنهن ۾ سر وڃائڻ جي رسڪ سان گڏ مٺڪو پچڻ يا دل بيهي رهڻ جهڙا ڪيترائي حادثا پيش اچي ٿي سگهيا. ان ڀيرين رائيڊ کان پوءِ اجان چوڏهن رائيڊون پيون به رهيل هيون، جن جا ڪوپن داخلي واري ٽڪيٽ سان گڏ مليا هئا. مون ته پوءِ رائيڊن ڏي وڃڻ کان بس ڪئي ڪئي، باقي محبوب ٻارن کي ساڻ ڪري، رهيل ڪوپن سجايا ڪيا.

ان بعد وارو آيو Ghost House گهمڻ جو، جنهن ۾ اسان کان سواءِ اجان ڪو به ماڻهو داخل نه ٿيو هو. چوڌاري اهڙي ماٺ، جو سُئي ڪري ته ان جو به آواز چٽو ٻڌجي. گهپ اونداهي واري ان عمارت ۾ هلندي، جنهن هنڌ تي پير پيو آتــان وچ جـي چمڪاٽ جهڙي روشنيءَ سان ڪونه ڪو مردو، هڏن جـو پڃرو، ڏائڻ ۽ رت ڳاڙيندڙ چڙيل لاش، اسانجو هــانءُ ڦاڙڻ لاءِ نڪري نروار ٿــي ٿيو. هڪ موڙ تــان لنگهندي؛ ڏيڻ جهڙي جــاءِ ڏسي، هڪي بيهي رهياسين تـــه متان ڪنهن ڏچي ۾ نــه اچي وڃون، پر انگهڻ جي بي ڪا واٽ بــه تــه نه هئي، تنهنڪري اڳتي وڌڻ لاءِ جيئن ئي محبوب وک کڻين ته سموري جاءِ زلزلي جهڙي زبردست جهٽڪن ۽ گجگوڙ کان به خوفناڪ آوازن سان ڏڏڻ لڳي.... روشن ڪرڻ جا ٽڪا تجلا ڪنوڻين جيان وراڪا ڏيندي چڻ متان ٿي ڪريا، Sound effect وري اهڙا جو ٻڌي هوش ئي هليا وڃن. جيئن ئي هڪ ٻئي پٺيان اڳتي وڌياسين، تيئن ئــي هيڪاندا آواز آيريا. واٽ ته اصل ڪٿي ئي نٿي. سو تــه ڪٿي سڀ مشيني ڪمال، پوءِ به جيئرو ساهه ايڏا دل هول ڪيستائين جهلي ها. خوفناڪ آوازن ۽ اونداهيءَ ۾ اوچتا چرڪ ُپوڻ ته لازمي هئا. بهرحال رت خشڪ ڪرائي، نيٺ ان ’مومل جي ڪاڪ محل‘ مان ٻاهر اچي سک جو ساهه کنيوسين، ۽ ڪا دير Sleeping Beauty وارو محـل گهمـي ڊائينوسار (Dynosar) واري غارن ڏي آياسين، جتي نهايت Dim light ۾ شروعاتي زماني جا وڏا وڏا ڊائينوسار، گينڊا ۽ ٻيون ڪيتريون ئي

ننڍڙا ماڻهو به ويٺا هوندا. سنڌن آڏو رکيل پتڪڙن گلاسن ۽ ڍڪڻين ۾ وري پاڻيءَ جيترا بسڪوٽ، چانورن چپٽي، ۽ ڪوڪ وغيره جهڙو ڊرنڪ رکيل هوندو. ساڳي نموني وڏا مندر به هئا، جن ۾ وري ڪجهه وڏيڪ ڪاٽو ۽ ڪوڪ جو ’فل گلاس‘ رکيل نظر ٿي آيو. مون اهي سموريون شيون ڪنهن کي کائيندي پيئندي ڏٺيون ته ڪٿي ڪونه. پر ڀانيم ته شايد روحن کي ثواب وغيره پهچائڻ لاءِ اهو عمل اختيار ڪيو ويو هجي يا پوءِ ڪو ٻيو مذهبي عقيدو هوندن. هونءَ اهڙين جڳهن وٽ ساڌوئن جهڙي گيرو رنگ واري لباس ۾ ٻڌ ڌرم جا مٿو ڪوڙيل ۽ پيرين اگهاڙا Monks مڙوئي گهمندا نظر آيا، جنهن مان اندازو ٿيو ته ڪاڏي پيٽي جو سمورو سامان اهي اچي ڪٿي ويندا هوندا. اتي جا دڪاندار به صبح جي وقت دڪانن جي ٻاهران ڪنول جا گل، بسڪوٽ ۽ فروٽ وغيره ٿري ۾ سجائي ويهندا آهن، جيئن ئي ڪو Monk اتان لنگهندو ته انهن شين مان ٿورو ٿورو سندس هٿ ۾ جهليل ديگڙيءَ جهڙي ڪشڪول ۾ وجهي ڏيندا.

بينڪاڪ جون مکيه جايون ۽ ٽيمپل وغيره گهمڻ کان پوءِ محبوب، ٽيڪسي ڊرائيور کي چيو ته ڪولڊ ڊرنڪ پيارڻ لاءِ ڪنهن سٺي جاءِ تي وٺي هلي. ڊرائيور، جيڪو ٿائي فلمن جو مزاحيه ايڪٽر رهي چڪو هو ۽ ٿوري گهڻي انگريزي به ڳالهائي ٿي سگهيو، تنهن اِن ڳالهه تي مام ۾ مرڪندي وراڻيو، ”ڪول ڪارنر تي ته وٺي ٿو هلان پر ان کان اڳ ۾ پير واري ڊائمينڊ ۽ روبي جي فيڪٽري ته ڏسندا هلو، ڏاڍي سٺي آهي.“

جيئن ته اسانجي شاپنگ مڪمل ٿي چڪي هئي تنهنڪري ڪيس چيوسين ته ان جي هاڻ ڪائي ضرورت ناهي. پر ’هن جو اصرار هجي ته خريداري ڀل نه ڪريو پر ڏسو ضرور: جو اها ڏسڻ جهڙي شئي آهي. تڏهن لاچار اسان به ڪٿي اوڏانهن وڃڻ قبوليو. ڪار جيئن ئي فيڪٽريءَ جي ٻاهر بيٺي ته هڪ فوجي دٻدٻي وارو سوٽيڊ بوٽيڊ ماڻهو نهايت ڦڙتيءَ مان اڳتي وڌي آيو ۽ وڏو سئليوٽ ڪري

سامهون ٽيبلز تائي رقص ۽ موسيقيءَ کي ٻہ رات جو دير تائين enjoy ڪندا رهياسين. اِها اسانجي بينڪاڪ ۾ آخري رات هئي، ٻئي ڏينهن ٻپهرن جو ٢ بجي اسانجي هانگ ڪانگ لاءِ فلائيٽ هئي، جنهن لاءِ صبح جو ٻارهين بجي ائرپورٽ وڃڻو هو.

.... ... ....

صبح جو دير سان اک کلي، هانگ ڪانگ لاءِ پيڪنگ وغيره تہ رات ئي ڪري ڇڏي هئي سين تنهنڪري تيار ٿي ٽيڪسيءَ ۾ ويهي، بينڪاڪ جي شهر کي الوداع ڪندا سڌو ائرپورٽ ڏي هليا آياسين. ٺيڪ ہ لڳي چوٽيتاليهن منٽن تي جهاز اُڏاڻو....

انگريزي ۽ سنڌي لفظ، Suffer ۽ سفر جي معني ڀل ڪٿي مختلف هجي، پر مقصد ڏسجي تہ ساڳيو ئي آهي. سفر ڪيڏائي سيبتا ۽ ساڀيا ڀريا ڇو نہ هجن؛ ان ۾ 'Suffer' ڪرڻو ئي پئي ٿو. منزل تي پهچڻ جو لمحو لمحو ڪيڏو طويل ۽ ٿڪائيندڙ بڻجي پوندو آهي، ان جو اندازو تہ هر آن شخص کي هوندو جيڪو سفر دوران؛ Suffer ڪندو رهي ٿو. سفر جي ٿڪائيندڙ حقيقتن جي باوجود جڏهن منزل تي پهچبو آهي تہ نوان نوان شهر، نئون ماحول ۽ مهانڊا ڏسي سمورو ٿڪ ئي لهي ويندو آهي.

هانگ ڪانگ جو وقت، ٿائيلينڊ کان ٻہ ڪلاڪ اڳتي آهي، اسان جڏهن اتي پهچڻ وارا هئاسين تہ هانگ ڪانگ جي ٽائيم موجب رات جا اٺ ٿي لڳا. محبوب ٻڌايو هئم تہ هانگ ڪانگ ائرپورٽ تي جهاز لينڊ ڪرڻ وارو منظر ڏسڻ وٽان آهي.

جهاز جي 'هانگ ڪانگ انٽرنيشنل ائرپورٽ' تي لهڻ جو اعلان ٿيو، تہ سڀئي مسافر جهاز جي لهڻ جو نظارو ڏسڻ لاءِ بيچين نظر آيا. اسين ٻہ دريءَ ۾ اکيون پائي ويهي رهياسين. سمنڊ ۾ پوندڙ روشنين پريان ئي ايڏي تہ جهرمر لائي ڏني هئي، جو لڳو ٿي تہ چنڊ ستارا راهن ۾ وڇائجي ويا هجن! جيئن ئي جهاز هيٺ لهڻ لاءِ گُهٽ هڻيون، تہ سڀني مسافرن خوشيءَ مان وني سيٽيون ۽

تاڙيون وڄايون.... چوگرد روشنين سان جڳ مڳائيندڙ، عرش ڇهيندڙ عمارتن جي وچ ۾ ڇوليون هڻندڙ سمنڊ ڏانهن، جهاز لئنڊ ڪيو، ڇڻ Run way تي لهڻ بدران پاڻيءَ ۾ ڪرندو هجي.

هانگ ڪانگ جو ائرپورٽ، سنگاپور جي ائرپورٽ جيان ته نه البت پنهنجي ليکي خوبصورت ضرور هو. ائرپورٽ تي ڪافي سختيءَ سان چيڪنگ پئي ٿي، اسان کي به ان ۾ چڱو وقت لڳي ويو. ٻاهر اچڻ بعد ڪا دير ائرپورٽ وٽ ئي سمنڊ ڪناري جي سونهن ڏسڻ ۾ وڃائجي ويس.... آسمان ته اڳ ئي چنڊ ستارن سان جرڪيو پئي، مٿان وري وايومنڊل ۾ به تارن جيان بيشمار جهرمر ڪندڙ رنگ برنگي روشنين، پاڻيءَ ۾ پنهنجا عڪس وجهي ان ۾ ڄڻ هيرا موتي اوتي ڇڏيا هئا.

هانگ ڪانگ ۾ چئن ۽ پنجن ماڻهن جي ويهڻ لاءِ مختلف ٽيڪسيون آهن. اسان پنجن ماڻهن واري ٽيڪسيءَ ۾ سامان رکائي، ڊرائيور کي هانگ ڪانگ جي دل؛ ڪولون (Kowloon) ڏي هلڻ لاءِ چيو. هانگ ڪانگ ۽ ڪولون جي وچ ۾ وهندڙ مختصر فاصلي واري سمنڊ، ان روشنين جي شهر کي ٻن حصن ۾ ورهائي ڇڏيو آهي، جن مان ڪولون وڏو ۽ پررونق آهي، جنهنڪري ئي انکي هانگ ڪانگ جي دل به ڪوٺيو وڃي ٿو.

اڃان رستي تي ئي هئاسين جو چنڊ ستارن؛ شايد ته نظر جهڙ جي ڊپ کان بادلن جو سُرمئي بلينڪٽ سوري ڪٽي مٿان وڌو. ايتري ۾ سنهو سنهو مينهن به پوڻ شروع ٿي ويو. اسانجي ٽيڪسي اسپيس ميوزم Space Museum جي سامهون Y.M.C.A تي اچي بيٺي، پر اندر وڃي معلوم ٿيو ته سمورا ڪمرا اڳ ئي ٽوئرسٽس سان ڀريا پيا هئا، تنهنڪري هنن ٻن ڏينهن کان پوءِ ڪمرا ڏيڻ جي پڪ ڏني.

مينهن، جيئن پوءِ تيئن تيز ٿيندو ڏسي، محبوب ٽيڪسي ڊرائيور کي ناٿان روڊ ”چنڪنگ سينٽر“ ڏي هلڻ لاءِ چيو.

چنڪنگ سينٽر، نهايت ئي ڪِٽيل عمارت آهي، جنهن جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

تدبيرن تحت، ڪمرن مان ليٿو ڏي نڪتا پائين.

هونءَ به هتي اچي معلوم ٿيو ته هانگ ڪانگ جي مينهوڳيءَ واري مُند، سدائين بخار جـو ڪارڻ بڻبي آهي، جيڪا ٽـوئرسٽس کي تـه بنهه پانءَ ڪونه پئي . اسان به پوءِ نوٽ ڪيو تـه واقعي برساتن سبب ڪيترائي ٽوئرسٽ هوٽل جي ڪمرن ۾ بيمار ۽ بيزار ٿيو پيا هئا، ۽ رڳو ڪنهن ڪنهن مهل پر پاسي واري شاپنگ سينٽرن تائين وڃڻ شاپنگ ڪرڻ لاءِ ٻاهر ٿي نڪتا. هوڏانهن وڏن شاپنگ سينٽرن جا دڪاندار سچا سچا ڏينهن سڄن اوسيئڙي جي آس لڳايو ويٺا اوٻاسيون ڏيندا آهن.

شاپنگ سينٽر کان نڪري، ’هائي فونگ‘ روڊ (Hai Phong Road) تـي پهتاسين مس جو تـڙي ڪـڙي گهاٽو ’جهڙ تي پيو ۽ ڏسندي ئي ڏسندي وٺي مينهن جا وسڪارا شروع ٿيا. اسان پنهنجي مسلمانيت جو فائدو وٺندي، پـر واري اسلامڪ سينٽر جي شاندار عمارت ۾ اچي پناهه ورتي.

اسلامڪ سينٽر ۾ اچي گنبذ ۽ ماربل جي فرش واري شاهي مسجد کان علاوه، مسلم ڪميونٽي طرفان وڏن خرچن سان نهرايل ناياب ڪتابن جي لائبريري، ايجوڪيشنل انسٽيٽيوٽ ۽ ميوزم به آهي، جنهن ۾ هانگ ڪانگ جي ماضيءَ جي تصويـرن وغيره سان گڏ، پـن ناياب ۽ شاندار شين جي ڪافي ڪليڪشن هئي. مسلمانن جي خاص ڏينهن تي ان سينٽر ۾ ڪيترائي پـروگرام پڻ آرگنائيز ڪيا ويندا آهن. مينهن بند ٿيو ته اسان به سينٽر گهمي ٻاهر آياسين.

هانگ ڪانگ جو ماحول دوستاڻو نـه هئڻ سبب اوپرو ٿي لڳو، ته رستي پنڌ به ’’شرفا‘ چينن جي مقابلي ۾ ’’بدما‘ چينا گهڻا ٿي نظر آيا.

ناٿان روڊ کان هائي فونگ روڊ تائين نهار ڪبي تـه ڪاٻي ساڄي رڳو ميڪڊونيلڊ (Mc'Donald) ۽ ڪينٽڪي (Kentaucky) جهڙن امريڪي طـرز جي فاسٽ فوڊ بـارز (Fast Food Bars) جا چـار ِوڇيا پيا هونـدا. محبوب ٻڌايو تـه هن پيري يـورپين ۽

فوڊ بار ۾ اچي جوز ۽ برگر سان هانءُ جهل ڪئي، اتي ڏي اهو پروگرام سيٽ ٿيو ته 'چنڪنگ هائوس' کي ڇڏي، هوٽل پيننسولا (Peninsula) ۾ شفٽ ٿجي. جيئين Y.M.C.A ۾ ڪمرا ملڻ تيسين 'چنڪنگ هائوس' جهڙي 'چرُ' مان ته نجات حاصل ڪري ڪو سک جو ساهه کڻون.

چنڪنگ هائوس ڏي ويا سين پئي ته اسان کي پاڻ ۾ سنڌي ڳالهائيندو ڏسي، پرسان لنگهندڙ هڪ 'ڪراڙي ديوان، ڏاڍي سڪ مان پڇيو، "ڇا توهان سنڌ مان آيا آهيو؟" جڏهن ڪيس هائوڪار ۾ جواب مليو ته خوشيءَ مان ٽڙندي اسان کي پنهنجي گهر هلڻ جي دعوت ڏنائين. هن ٻڌايو ته ٻه ٽي ڏينهن اڳ؛ چنڪنگ سينٽر وٽ بجليءَ جي شاٽ سرڪٽ سبب جيڪا خطرناڪ باهه لڳي هئي، تنهن ۾ ٻين ڪيترن دڪانن سان گڏ سندس دڪان پڻ سڙي خاڪ ٿي ويو، پر اسان کي ڏسي ڪيس ايڏي ته خوشي ٿي آهي جو نقصان جو ڏک به وسري ويو اٿس.

پرديس ۾ وچ رستي هلندي پاڻ بابت اهڙو رايو ٻڌي، ڪنهن کي خوشي نه ٿيندي.... اسين به ان عزت افزائي تي ٿري پيا سين پر سندس دڪان سڙڻ جو افسوس سو ڏاڍو ٿيو. هانگ ڪانگ ۾ رهڻ دوران هن جيان ٻين به ڪيترن سنڌي دڪاندارن، سنڌ ڌرتي جي ناتي اسان سان چڱا وڙ ڪيا. مون کي ان ڳالهه جي خوشي ٿي ته اتي جي سنڌين، پنهنجي سنڌي ٻوليءَ کي ختم ٿيڻ نه ڏنو آهي. هو اڄ به انگريزيءَ سان گڏ، پنهنجي گهرن ۽ سرڪل ۾ سنڌي ٿا ڳالهائين. جي ٿوري توجه ڏين ته هانگ ڪانگ ۾ به سنڌي ادب کي وڌڻ ويجهڻ جو موقعو ملي سگهي ٿو.

'چنڪنگ هائوس' مان چيڪ آئوٽ ڪري، اسين سڌو 'پيننسولا' تي آياسين، جيڪا روشنين ۾ جرڪندڙ ۽ صاف سٿري ماحول واري خوبصورت هوٽل هئي. دل پئي چيو ته ڪجهه ڏينهن ان هوٽل ۾ ٽڪي رهي پئجي، پر پرديس ۾ ايڏي فضول خرچي نهي ڪونه ٿي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سدائين پاڻ ۾ پيا اٽڪندا، جنهن جي نتيجي ۾ روز پيا جهيڙا فساد ۽ خونريزيون ٿينديون. ان دليلن هيٺ ذرتي ماءُ کي آڏو آڏ ڪرائڻ ڪانپوءِ بہ اسان وٽ پنهنجي صفائي جو ڪهڙو دليل آهي؟ جتي مومن دردندگيءَ جو مظاهرو ڪندي هڪ ٻئي کي ماري رهيا آهن.

الڳ ملڪ حاصل ڪري، لڳاتار خونريزيون ڪرڻ ئي اسان جو مقدر هو تہ پوءِ ورهاڱي جي ڪهڙي ضرورت هئي؟ هڪ ئي ملڪ ۾ هندو مسلم فسادن کي تہ وري بہ ’ڪفر ۽ مومن‘ جي ’جنگ و جهاد‘ جي نالي سان ڪا معنيٰ تہ هجي ها، هينئر تہ اسان وٽ ’ڪفر‘ کي ڍال بنائي، پنهنجو شرم پرچائڻ لاءِ بہ ڪو واضح دليل نہ رهيو آهي، سواءِ ان جي تہ فسادن ڪرائڻ جا سمورا الزام ’اتــو ڪاڏو ڪوئي مار پئي ڳابي‘ جيان ’بيروني قوتن‘ تي مڙهيا وڃن. ورهاڱي جي صورت ۾ ملڪ هڪ مان ٻہ، ٻن مان ٽي ٽڪر ٿيو، پر تڏهن بہ ’قاصائي صفت گروهن‘ جي هاڻ ڌاڻ بار نہ لٿو آهي ۽ اڃان بہ ان کي ’ٽڪر ڪرڻ لاءِ ماندا ٿا ڏسجن.

ڪولون مان هانگ ڪانگ يا هانگ ڪانگ مان ڪولون ڏي اچڻ وڃڻ جا بہ رستا آهن، هڪ تہ فيري ذريعي سمنڊ لتاڙي ٻئي پــر پهچڻ جو، ٻيو وري ڪار ۽ ريل ذريعي سمنڊ هيٺان لنگهڻ جو! جنهن کي هانگ ڪانگ ۾ Tunnel ڪري چوندا آهن.

عجب جهڙي ڳالهہ آهي تہ هانگ ڪانگ جي حڪومت وڏي خرچ سان سمنڊ جي هيٺ Sub way Tube يعني ڪمپيوٽرائيزڊ ريلن جو چار وڇائي ڇڏيو آهي. زمين جي اندر تہ رستا ڏٺا ٻڌاسين، تازو سنگاپور ۾ تہ ريل بہ هلندي ڏسي آياسين پــر سمنڊ جي هيٺ رستو تہ سائنسي ايجادن جو عقل چرخ ڪندڙ طلسماتي ڪمال هو. هيٺان ريلون بسون ٿي هليون تہ مٿان وري پاڻيءَ ۾ ننڍا وڏا بيشمار جهاز پئي ترِيا. اها انوکي ايجاد سڄي هانگ ڪانگ اندر سفر جو تيز ترين ذريعو آهي. جتي چوويهہ ئي ڪلاڪ ٽريفڪ چالو رهندي آهي.

ننڍپڻ ۾ ٻڌل فرضي ۽ طلسمي ڪهاڻين کي اڄ حقيقت جو

ڏٺو، جو نهايت ئي دلچسپ آئيٽم هو، جنهن مان خبر ٿي پئي ته اسانجا پيدائشي ٻـرج هينئر ڪهڙي پوزيشن ۾ بيٺا آهـن ۽ مٿن ڪهڙي برج جو اثر پيو پئي.

هن ميوزم ۾ چند تارن کان علاوه سائينسي معلومات جون پيون ڪيتريون ئي شيون هيون، جيڪي ٻارن جي ڄاڻ لاءِ نهايت مفيد ثابت ٿيون. پلينيٽوريم ۾ فوٽو ڪڍڻ جي شايد تـه منع هئي جو جيئن ئي مرشد ڪئميرا جو چمڪاٽ ڪيو ته پريان کان انتظاميه جي ڪنهن شخص دانهن ڪري؛ هٿ جي اشاري سان ڪيس روڪڻ جي ڪوشش ڪئي. تيستائين مرشد ڪئميرا مان هڪ ٻيو چمڪاٽ ڪري، وڏي کڙين تي زور رکيو.

هن ماڻهو ششدر ٿي سندس پيڇو ڪرڻ چاهيو پر جيسين هو ڪائونٽر تان ڦري نڪري ها، تيسين مرشد پيهه جو فائدو وٺندي، مرڪو پلينيٽوريم کان ئي غائب ٿـي ويو. جڏهن تـه اسان وري اُن مـاڻهوءَ اڳيان لاتعلق ٿـي ستارن واري دوربينيءَ ۾ ايئن اکيون ٌکپائي ڇڏيون ڄڻ اسانجو مـرشد سان ڪو واسطو ئي نـه هو.... پنهنجي ان پڪڙيءَ تي کل ته ڏاڍي پي آئي پـر جي کڏجي ٌدڪ پايون ها ته ڪونه ڪو جهلجي، ڏنڊ جي چٽي پري ها، تنهنڪري ڏاڍي بيفڪريءَ مـان هوريان هوريان هلندي پلينيٽوريم کان ٻاهر اچي ڏٺوسين ته مرشد روڊ جي ٻئي ڇيڙي تي اسانجو انتظار پي ڪيو.

'New world center' جيڪو ميوزم کان ٿوري ئي فاصلي تي آهي، آتي اچي هڪ ڪشميريءَ جي ريسٽورينٽ 'علي بابا' تان منجهند جي ماني کائي، سينٽر گهمڻ وسين، جيڪو ڪيترن ئي فلورن تي مشتمل هو. ان سينٽر ۾ خريداريءَ جـي هر شئي موجود هئي. هانگ ڪانگ جي اصلي توڙي اميٽيشن جئليري، پنهنجي خوبصورتي ۽ نفاست جـي ڪري اتان جي بهترين خريدارين مـان هڪ آهي. جڏهن ته فوٽوگرافي جو سامان، اليڪٽرانڪ جون شيون ۽ واچن جي حيران ڪندڙ ويرائٽي بـه خريدارن جـو ڌيان ڇڪائڻ ۾ پٺ تي ناهي.

هانگ ڪانگ اهڙي جاءِ آهي جتي ايشيا جي سڀني ملڪن جا آرٽ ۽ هٿ جا هنر سولائي سان ملي سگهن ٿا. نيو ورلڊ سينٽر تان واچن ۽ اليڪٽرانڪ جي سامان جي خريداري ڪرڻ بعد، پير پاسي واريون جايون گهمندا، هڪ خوبصورت پارڪ ۾ اچي ويٺاسين. پارڪ جو نالو ته الائي ڇا هو پر 'سنڌي پارڪ' جي نالي سان هانگ ڪانگ جي ڪولون واري حصي ۾ گهڻو مشهور آهي. اِها ڄاڻ به مونکي پارڪ ۾ ٿي ويٺل ٻن سنڌيائين کان پئي، جن اهو پڻ ٻڌايو ته شام مهل ڪمڪار ۽ ڏنڌي ڌاڙيءَ کان واندا ٿي سمورا سنڌي ڪٽنب، تفريح لاءِ ان پارڪ ۾ اچي گڏ ٿيندا آهن.

اسان ڪجھ وقت ان پارڪ ۾ گذاري نيو ورلڊ سينٽر جي ڏاکڻي پاسي، سمنڊ جي ڪناري آياسين جتان ٻئي پير هانگ ڪانگ بيٽ جي بلڊنگس جون لائيٽون آهستي آهستي ٻرڻ شروع ٿيون. جيئن جيئن اونده ٿيندي وئي تيئن تيئن هانگ ڪانگ برقي قمقمن ۽ نيئون سائين سان جرڪڻ لڳو. تڏهن سوچيم ته واقعي هانگ ڪانگ روشنين جو شهر آهي. ڪراچيءَ کي ته الائي ڪنهن ڪٺي هرويرو جو روشنين جي شهر جو لقب لاتو.... سٽيزن واچ وارن جو دنيا ۾ وڏي ۾ وڏو نيئون سائين، جنهن جي اوچائي لاءِ ٻڌڻ ۾ آيو ته ٽن سؤ فٽن کان به مٿي آهي، سو پڻ ان بيٽ ۾ ايلزبيٿ هائوس تي لڳل آهي.

سمنڊ جي ڪناري سان لڳو لڳ **Joging Track** ٺهيل آهي، جتي پير پاسي ۾ رهندڙ جوان توڙي ٻڍا صبح ۽ شام جاگنگ ڪرڻ ايندا آهن. ڪي جهونا جوڳي، جن جوانيءَ ۾ ڪيترائي چار وڇائي جوانڙين کي ڦاسايو هوندو، سي هاڻ 'ڪنڊيو ۽ رسي سمنڊ ۾ اڇلايو مڇي ڦاسائڻ جي اوسيئڙي ۾ 'سڪ پيا ٿيندا آهن. باقي نوجوان جوڙن جي ته لئه لڳي پئي آهي، جيڪي سڄو ڏينهن هٿ، هٿ ۾ ڏيئي سمنڊ ڪناري ٺهيل سيفٽي ريلنگ وٽ ويهي، آئينده جا انجام اقرار ڪندي، ڪنهن رومينٽڪ قول سان گڏ پنهنجا نالا، سيمنٽ جي ڍڪڻ تي آرپار تير ڪاڏل دل جهڙن نقش نگارن سان

پيا آڪيريندا آهن. سندن رومينٽڪ قول پڙهندي اندازو ٿيو ته ملڪ ڪيڏو به ڪٺي سڌريل هجي پر عشق جو ڇهين آني وارو انداز جت ڪٿ ساڳيو آهي.

سمنڊ ڪناري گهمندي سوچيوسين ته ڇو نه ڏينهن ٻن لاءِ چائنا مان به چڪر هڻي اچجي، پر جيئن ته اهو پاسو اسان لاءِ بلڪل نئون ۽ اوپرو هو ته هنڪري جاين جڳهن گهمڻ جي ڪا رِسڪ ڏي نه پئجي سگهي ها. هونءَ به اِتي انگريزي بنهه ڪانه ٿي هلي. ڪجهه ڏينهن رهڻ جو پروگرام هجي ها ته ماڻهو پنهنجي منهن ڏي گهڻو ڪجهه Explore ڪري ٿي سگهيو پر ٻن ڏينهن جو سفر ڪنهن گائيڊ جي مدد کان سواءِ مشڪل ٿي لڳو، لاچار ٽوئر وٺڻ جو ڏي ارادو ڪرڻو پيو؛ جنهن ڪان مان سخت ايلرجڪ آهيان.

اسين هوريان هوريان هلندا ۽ سمنڊ جا نظارا ڪندي اچي اسٽار فيري اسٽيشن پهتاسين، جتان 'نائيٽ فيري ٽوئر' لاءِ ٽڪيٽون وٺي، پين سياحن سان گڏ آگ بوٽ ۾ اچي ويٺاسين. اسٽيج تي هڪ پاسي بينڊ ٽيم پنهنجي مخصوص يونيفارم ۾ ميوزڪ ٿي وڄائي ته ٻئي پاسي چيني ڇوڪريون؛ مهمانن کي مشروب ٿي سَرو ڪيا. جيئن ئي آگ بوٽ هلڻ شروع ڪيو ته اسٽار فيري وارن جي هڪ چيني ڄڻ گائيڊ، آيل مهمانن کي خوش آمديد چوندي، سمنڊ جي ٻنهي پاسن جي خاص خاص جاين بابت معلومات ڏيڻ شروع ڪئي. مان سندس ڳالهين کان بي‌نياز ٿي، ناقابل بيان دلڪش منظر وارين رنگا رنگ روشنين ۾ وڃائجي ويس، جن پاڻي ۾ پونڌڙ چنڊ جي عڪس کي پنهنجي گهيري ۾ آڻي؛ ڇڻ لهرن جي پينگهه تي جهومي جهومي رقص ٿي ڪيو.

ڏيڍ ڪلاڪ ان چنڊ ستارن ۽ روشنين جي راهن تي رهڻ کانپوءِ واپس ڪولون پهتاسين.

صبح جو محبوب ۽ مرشد چائنا ٽوئر سروس وارن وٽ بڪنگ ڪرڻ لاءِ ويا، جڏهن موٽيا ته گڏجي نيرن ڪئي سين. ويرم ڏي نه گذري جو برسات جو شديد وسڪارو شروع ٿي ويو.

جا سانباها پيو ڪري. اوچتو ڪيس ڏسي هڪ وار وري ُستل سور جاڳي پيا ته پاڪستان ۾ آمريت جو ابو ۽ سندس ڦهر وري الائي ڪهڙو رخ اختيار ڪندا. پرديس ۾ باقي ڪي ڏينهڙا وڃي ُسک جا بچيا هئا، ُوري ساڳيا لاڻون، ساڳيا ُچڳهه ُ. اسان هڪ ٻئي کي گڊنائيٽ چئي اچي پنهنجي ڪمرن ۾ آرامي ٿياسين.

صبح جو زمر جي اچڻ سان اک کلي، جنهن ان ڳالهه کان قطعي بي‌نياز ٿيندي ته خبر خوشيءَ جي هجي يا ڏک جي، اوچتي ڪڌهن نه ٻڌائجي، ڏاڍي بيتابيءَ مان چيو،

”ضيا مري ويو!“

”چا___!!!؟“ هڪ پليزنٽ شاڪ مونکي چرڪائي ڇڏيو. قدرت جو اهو معجزو يقيناً حيران ڪندڙ هو.

محبوب، جيڪو مونکان اڳ ۾ ئي آٿي، سامهون اخبارون پڪيڙيو ويٺو هو، تنهن اِن ڳالهه جي تائيد ڪندي اخبار ُهانگ - ڪانگ ٽائيمز ُ مونڏانهن وڌائي، جنهن ۾ ضيا شمر جي پلين ڪريش ٿيڻ ۽ سندس مرڻ جو سربستو احوال فرنٽ پيج تي ڏنل هو.

هونءَ موت اهڙي شئي آهي جو ڪنهن ست ڏارئي جو به هجي ته ڏک ڪٿي نه به ٿئي، دل کي جهوٻو ضرور ايندو آهي. اهو سوچي ته هن جا الائي ڪهڙا ارمان هوندا، ڪهڙيون حسرتون هونديون ... ڪهڙين تڪليف ده حالتن ۾ هنجو موت ٿيو هوندو، مرڊر ٿيو هوندس ته ڪيئن نه پٽر دلين کي جان بچائڻ لاءِ منٿون ايلاز ڪيا هوندائين، واسطا ڏنا هوندائين .... ٽارچر يا اذيت ملي هوندس ته ڪيڏي نه روحاني ۽ جسماني پيڙا مان گذريو هوندو. جيسين موت اچي ڪيس ان عذاب کان شانت ۽ مڪت ڪري! ايڪسيڊنٽ ۾ جان ويئي هوندس ته ان گهڙيءَ جو سمورو درد ڇڻ هانءَ ۾ لهندي محسوس ڪيو هوندائين ... پر هي پهريون ڀيرو هو جو مونکي موت جي بي‌رحميءَ تي ڏک نه ٿيو.... ڇو ته مونکي ايئن ٿي لڳو ته اهو موت ڪنهن انسان جو نه هو.... شخص جو نه هو.... پر انسان دشمن، انتهائي زهريلي نانگ جو هو، جنهن ٻارهن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

پهچي، تڙي ڪڙي اميگريشن جون فار ملتيز پوريون ڪري، ٽيڪسيءَ ذريعي شهر گهمڻ نڪتاسين. شهر ۾ سياحن جي هيڪاندي ر گهما گهمي ۽ پيهه هئي، جنهن مان اندازو ٿيو ته وڏا وڏا ڪيسينو، نائٽ ڪلب ۽ بار وغيره هئڻ ڪري هي شهر سياحن جي دلچسپي ۽ توجه جو خاص مرڪز بڻيل آهي.

مڪائو جون قديم ۽ پورچو گيزن جون تاريخي جايون، خوبصورت چرچ ۽ مندر ڏسڻ وٽان آهن. ڀر پاسي جا باغ، پارڪ ۽ مجسما ڏسي، مشرق ۽ مغرب جي حسين ميلاپ تي رشڪ ٿي آيو.

سانجهن جو حيات ريجنسيءَ تان رفريشمينٽ وٺندي محبوب پروگرام ڏاهيو ته بار پل پنهنجيليکي وچي شهر Expore ڪن، جڏهن ته اسين پين تـوئرسٽن سان گڏ پر واري ڪلب ۾ Crazy Paris نائيٽ شو ڏسي اچون، جيڪو گذريل اٺن سالن کان مڪائو جي رونق بڻيل آهي.

شو ڏسڻ بعد واپس اچي ٻـارن سان گڏ حيات ريجنسيءَ ۾ ڊِي ڊنـر ڪئيسين. ايڏو سارو چوويهن ڪلاڪن جـو ڏينهن ايئن جهٽ پلڪ ۾ گذري ويندو، تنهن جي ڪا خبر ئـي نه پئي. رات جو اٽڪل هڪ بجي ڌاري، مڪائو کان هانگ ڪانگ لاءِ روانا ٿياسين.

دير سان پهچڻ ڪري سمجهيوسين ته متان چائنا وڃڻ لاءِ صبح جو سوير اک نه کلي، تنهنڪري رسيپشن کي جاڳائڻ جي ذميداري ڏيئي بي اونا ٿي اچي سمهي رهياسين. صبح جو ٺيڪ ساڍي اٺين بجي تيار ٿي ويٺاسين مس؛ ته چائنا ٽوئرز وارن جي Pick up اسان کي اسٽيشن تي وٺي وڃڻ لاءِ اچي پهتي، جتان ٽرين نمبر ٩٦ ۾ ويهي، چائنا جي شهر گونزائو Guangzhou ڏي روانا ٿياسين. ان ٽوئر ۾ اسان سان گڏ ٻه فلپينو فيمليز ٻه هيون جن ضيا جي مرڻ تـي تبصرو ڪندي چيو، 'هاڻ تـه توهان وٽ ٻه اسان جيان ضرور ليڊي پرائمنسٽر ايندي.' سندن اشارو لاشڪ تـه بينظير ڏانهن هو، جو ٻي تـه ڪا اهڙي پاڪستاني ليڊي مون کي نـه ٿي سجهي،

ٻئي ڏينهن سيني ٽوئرسٽن کي نيرن ڪرائڻ ڪانپوءِ چائنا ٽوئرسٽ ڪمپني وارن ايئرڪنڊيشنڊ مائڪرو بس ذريعي شهر جو مٿاڇرو چڪر ڏياري اسٽيشن تي آندو، جتان اسان ٽرين رستي هانگ ڪانگ لاءِ روانا ٿياسين.

شام جو Y.M.C.A تي پهچي محبوب به چيو، ته جي فلپائن هلڻ جو ارادو هجي ته پنهنجي ٽوئر کي اجهان وڌايون، پر جيئن ته ڏيڍ مهيني جي عرصي ۾ چڱا ملڪ گهمي ورتاسين تنهنڪري هاڻ ’عمر ديس پنهنجو وسارڻ ڏکيو آ‘ جون جهونگارون، هر هر ٿي مغز ۾ گونجيون... ۽ پنهنجو وطن شدت سان ياد اچڻ لڳو.

ٻئي ڏينهن شام جو ستين بجي، ڪولمبو لاءِ اسان جي فلائيٽ هئي. اها سموري شام ۽ ٻيو سڄو ڏينهن روشنين جي شهر جي خوبصورتين ۾ وڃائجي، سموري سونهن پنهنجي يادن ۾ محفوظ ڪندا، شام جو پنجين بجي هانگ ڪانگ ائر پورٽ تي پهتاسين.

اميگريشن ۽ ڪسٽم چيڪنگ وغيره مان آجا ٿيڻ ڪانپوءِ اچي ڊپارچر لائونج ۾ ويٺاسين ته اڃا ٿو جهاز پهچڻ جو اعلان ٿئي، پر وقفي وقفي سان رڳو موسم جي خرابي سبب، جهاز ليٽ ٿيڻ جا اعلان ٿيندا رهيا. ڪلاڪن جا ڪلاڪ انتظار ۾ برباد ٿيندا ڏسي، سخت بوريت، بيزاري ۽ حد کان گهڻي ٿڪاوٽ جو احساس ٿيڻ لڳو. ايتري قدر جو ائر پورٽ جون رونقون به اسانجي ڪيفيت آڏو بنهه بي رونق ٿي لڳيون. بس رڳو ايندڙن ۽ ويندڙن جا رنگ نوان فيشن ايبل لباس ڏسي پاڻ کي وندرائڻ جي ڪوشش ڪندي رهيس. چيني ڇوڪريون انگريز ڇوڪرين جي لوز ڊريسن جي اڪثريت، جديد مغربي ۽ مشرقي طرزن جي امتزاج ڪري نهايت شاندار ٿي لڳي. ڪجهه سالن اندر اسان وٽ به لباسن جي دنيا ۾ وڏي جدت آئي آهي، سلوارن ۽ قميصن جا هزارين نوان روپ سامهون پيا اچن. پر ايئن برابر آهي ته ڪي فيشن مضحڪه خيز ۽ ڪل ڏياريندڙ به لڳندا آهن. پاڪستان ۾ ڊزائين ڪيل: بيگي پينٽ جي روپ واريون سلوارون، اسڪرٽ جي نموني وارا گهاگهرا، اتي به گهٽا

مقبول ٿي ڏنا.

ٽڪل ٽڪل ذهن سان فيشن جا مشاهدا ماڻيم ٿي پي جو ايئرپي ۾ 'هانگ ڪانگ ٽوئرسٽ ايسوسيئيشن جون چيني نمائنديون اچي نڪتيون، جن محبوب ۽ مرشد کان هانگ ڪانگ ۾ رهڻ واري عرصي بابت تاثرات معلوم ڪرڻ لاءِ انٽريو وٺڻ شروع ڪري ڏنو ته، 'توهان کي هانگ ڪانگ ڪيئن لڳو؟ ڪهڙي شئي وڌيڪ وڻي؟ گهمڻ ڦرڻ تي ڪيترو خرچ آيو، ڪٿي رهيا؟ ڪهڙي شئي متاثر ڪيو؟' ۽ ان قسم جا ٻيا به ڪيئي سوال هئا، جن جا جواب معلوم ڪرڻ ڪانپوءِ آنهن محبوب ۽ مرشد کي ايسوسيئيشن طرفان خوبصورت ڪوٽ پنز (Coat Pins) تحفي ۾ ڏنيون.

جهاز جو ته اڃان ڪو پتو ٿي نه هو، پر جيئن ته ڊنر جو ٽائيم ٿي اچي ٿيو هو، ان ڪري فلائيٽ جي سڀني مسافرن کي ائر لائين وارن طرفان ٽيهن ٽيهن ڊالرن جا ڪوپن ڏنا ويا، ته جيئن هو پنهنجي مرضيءَ سان ائر پورٽ ريسٽورينٽ تان ڊنر ۽ ڊرنڪس وغيره وٺي سگهن.

انتظار ۽ ٿڪ ۾ ڊنر وٺي ته نٿي، پر زوريءَ سينڊوچ وغيره ڪاڏا سين جو مسافري چڱي ڏکي هئي.

ڊنر ڪانپوءِ وري اچي لائونج ۾ 'سڪ ٿيا سين. هڪ ته برسات جي موسم مٿان وري سينٽرلي ائرڪنڊيشن، تنهن ۾ ايڏي ته ٿڌ محسوس ٿيڻ لڳي جو اتي ويهڻ ئي عذاب ٿي پيو، اِتان اُٿي وڃجي؛ ته ڪيڏانهن وڃجي؟ جو لائونج کانسواءِ مسافرن لاءِ ٻي ڪا جاءِ ئي نه هئي. شيشي سان رن وي (Run way) تي بيٺل جهازن ڏي انتظار مان نهاري نهاري اکيون ئي ٿڪجي پيون، تڏهن مس وڃي ڪو هڪ بجي اسان کي فلائٽ ۾ سيٽون ولارڻ جو سڏ ٿيو.

انتظار، بي آرامي ۽ ٿڪ ۾ ڪلاڪن جا ڪلاڪ برباد ڪرڻ ڪانپوءِ جڏهن ائرهوسٽيس؛ حسب معمول هوائي حادثن کان محفوظ رهڻ جا 'آنگل' ٻڌائڻ ويٺي ته مون کي سخت 'ٻچان آئي. سيٽ تي رليڪس ٿيندي سوچيم، 'ٻڌانس ٿي نٿي، پلي پئي مٿو هٽي....



ماهتاب - ايليفينٽ وليج ڪينڊي (سري لنڪا)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner



ماهتاب ـ فارايسٽ پلازا سنگاپور

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner



محبوب - نائيٽ مارڪيٽ ڪوالالمپور ۾

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner



الطاف شيخ، محبوب، مسز الطاف شيخ ۽ ماهتاب - ملاڪا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner



ارم- ٹائگربام گارڈن سنگاپور ۾

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner



ارم ۽ زمر- چانگي ائرپورٽ سنگاپور

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner



مرشد محبوب - پتايا پارڪ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner



ارم محبوب ـ ماربل ٽيمپل بئنڪاڪ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner



ماهتاب- سوئمنگ پول پٽايا پارڪ هوٽل

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner



مرشد محبوب - پٽايا بيچ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner



زمر- اوشین پارڪ هانگ ڪانگ ۾

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner



ماهتاب - اوشين پارڪ هانگ ڪانگ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

## نيو فيلڊس جا تازا شايع ٿيل بهترين ڪتاب

### شيخ اياز جو ٻهريون مشهور شاعري جو ڪتاب

# ”پَوَنر پري آڪاس“

٢٨٠ صفحا- خوبصورت ٽائيٽل- قيمت -/٥٠ رپيا

### نورالهديٰ شاهه جو مشهور انعام يافته ڪتاب

# ”جلاوطن“

نئين خوبصورت ٽائيٽل سان سينگاريل- قيمت -/٣٠ رپيا

---

## نيو فيلڊس جا اينڊز ڪتاب

# ”يادين جي انڊلٺ“

مصنف: الطاف شيخ

# ”شاهه لطيف جي شاعري“

(ڀاڱو I، II ۽ III)

مصنف: تنوير عباسي

# ”جهڙ نيڻا نہ لهي“

مصنف: شيخ اياز

---

نيوفيلڊس اداري جو هر مهيني شايع ٿيندڙ ڪتاب گهر ويٺي وصول ڪرڻ لاءِ (ميمبر ٿيڻ لاءِ) پنهنجي رضامندي لکي موڪليندا. ڪتابن جي لسٽ يا ٻي معلومات گهرائڻ لاءِ جوابي لفافو موڪلڻ ضروري آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

| | | | |
|---|---|---|---|
| ١١٤. | ڏنڀرتج جو اتهاس (ڪهاڻيون) | نورالهديٰ شاهه | -/٥٠ |
| ١١٥. | انقلابي ماءُ (سوانح حيات) | مترجم: آزاد قاضي | -/٢٥ |
| ١١٦. | ڪراچيءَ جا ڏينهن ۽ راتيون | شيخ اياز | -/٦٥ |
| ١١٧. | جلاوطن (ڪهاڻيون) | نورالهديٰ شاهه | -/٣٠ |
| ١١٨. | جڏهن مان نه هوندس (ڪهاڻيون) | امر جليل | -/٥٥ |
| ١١٩. | پونر پري آڪاس (شاعري) | شيخ اياز | -/٥٠ |

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

گهرائڻ لاءِ لکو: نيو فيلڊس پبليڪيشنس
ٽنڊو ولي محمد، حيدرآباد سنڌ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# سنڌ سلامت

**www.sindhsalamat.com**

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي ٻوليءَ جي ڊجيٽلائيزيشن ۽ پکيڙ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ پڻ دنيا سان گڏ سنڌس رفتار سان هلڻ جو سانباهو آهي، ڇو ته تاريخ هميشه انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڻ پنهنجي ٻوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ ناياب ورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نه رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ تخليقن کي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.

اسان جي خواهش هئي ته سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ملن. ڪتابن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي ۽ اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آساني سان آن لائين پڻ پڙهي سگهجي.

۽ اهو سڀ ”سنڌ سلامت ڪتاب گهر“ ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو. اميد ته سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نه صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بنائڻ لاءِ پنهنجو ڀرپور ساٿ نڀائيندا.

[books.sindhsalamat.com](http://books.sindhsalamat.com)

سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ اپليڪيشن پلي اسٽور جي هن لنڪ تان ڊائونلوڊ ڪريو:

https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book